
# عرفان لطیف

3356

یع کندہ :- محکمۂ اطلاعات مغربی پاکستان حیدرآبا

Marfat.com



درگاھ شاھ عبداللطيف ڀٽائي


Marfat.com

# عرفان لطیف

شایع کنندہ :- محکمۂ اطلاعات مغربی پاکستان حیدرآب

Marfat.com

Marfat.com



Marfat.com

86522

Marfat.com

# فهرست


| مضمون | نمبر |
|---|---|
| پيغام :- جناب غلام نبي صاحب مومن | ١ |
| پيش لفظ :- جناب سرور حسن صاحب | ٢ |
| نذرانه عقيدت :- سيد بشير حسين صاحب | ٣ |
| شاه جو عرفان | ٤ |
| وحدانيت | ٥ |
| رسالت ۽ پڻ | ٦ |


———



Marfat.com

Marfat.com



**جناب غلام نبي ميمڻ**

وزير اطلاعات، قانون ۽ پاليماني امور

حڪومت آلهندو پاڪستان.

Marfat.com

Marfat.com

ڏيئي عوامي داستانن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي تشبيهه، ٻڌائي نهايت اعليٰ معيار جي شعر جي صورت ۾ پيش ڪيو.

جيئن مولانا روم جي ڪلام متعلق چيو ويو آهي ته:-

هست قرآن درزبان پهلوي

اهڙي طرح شاه لطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام جي باري ۾ چيو آهي ته:-

”جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين.

نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.،،

شاه صاحب جي بيان مان ظاهر آهي ته] سندس ڪلام ۾ جا بجا آهي آيتون يعني نشانيون ظاهر آهن جي اسانکي پنهن جي محبوب حقيقي سان ملڻ واري منزل تائين رسائي سگهن ٿيون. شاه صاحب جي ڪلام کي انهي نقطہ نظر سان پرجهڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪبي ته يقيناً سالڪ کي مالڪ حقيقي جي مشاهدي ماڻڻ ۽ منزل مقصود تي پهچڻ ۾ وڏي مدد ملندي.

شاه صاحب جي ورسيءَ جي موقع تي هر ڪنهن سال محڪمہ اطلاعات جي طرفان مضامين ۽ ڪتابن جي اشاعت وسيلي لطيفي پيغام کي عوام جي هر ڪنهن طبقي تائين پهچائڻ جي ڪوشش جاري آهي. هن سال پڻ انهيءَ مقصد سان عرفان لطيف جي نالي هي ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. عرفان لطيف جي مطالع مان معلوم ٿيندو ته شاه لطيف

Marfat.com

پنهن جي ڪلام ۾ کھڙيءَ ريت قرآني آيات جي روشنيءَ ۾ اسلامي فلسفه حيات جي تبليغ ۽ تشريح ڪئي آهي تاڪه اهو دلڪش شاعرانه ڪلام، راه حق جي پانڌيئڙن کي نصب العين حاصل ڪرڻ ۾ هٿي ڏئي.

اميد ته عرفان لطيف عوام لاءِ واقعي ڪارائتو ثابت ٿيندو.

غلام نبي ميمڻ
وزير اطلاعات، قانون ۽ پارليماني امور
حڪومت مغربي پاڪستان

---

Marfat.com

Marfat.com



جناب مسرور حسن خان

تمغۂ پاکستان سی - ایس - پی

کمشنر حیدرآباد ڈویژن ۔

Marfat.com

Marfat.com

ڪمشنر هائوس

حيدر آباد

۲۸ مئي ۱۹٦٦ع.

# پيش لفظ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت جي عارفاڻي ڪلام ۾ زندگي جي هر پهلوءَ جي جهلڪ نمايان طور نظر اچي ٿي ۽ قدم قدم تي هو اسانجي رهبري ڪري مشڪلات مان پار اڪاري همت ۽ حوصلو ڏياري زندگيءَ جي منزل مقصود تي پهچڻ ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿو.

شاهه جي رسالي کي شعر جي ڪسوٽي تي پرکڻ سان اسان کي اهي ته عجيب ۽ انوکيون خوبيون ۽ جدتون نظر اينديون جن جو مثال هند توڙي سنڌ جي عالي مقام شاعرن جي ڪلام ۾ نه ملندو.

معرفت جا سبق اهڙي ته عام فهم انداز ۾ بيان ڪيا اٿس ۽ تشبيهون خواهه استعارا اهڙا ڪم آندل آهن جي هر ڪنهن طبقي جي روزمره زندگي سان واسطو رکن ٿا. وري جو لوڪ ڪهاڻين کي پنهن جي پيغام پهچائڻ جو وسيلو بنايو اٿس تنهن سندس ڪلام جي مقبوليت ۾ ڪافي ڪسر ڪانه ڇڏي آهي.

شاهه لطيف ثقافتي ڪاميٽي فيصلو ڪيو آهي ته هر ڪنهن سال هڪ خاص موضوع منتخب ڪيو وڃي، تاڪه انهيءَ سال ورسي جي موقع تي جيڪي به مضامين لکيا وڃن يا مقالا پڙهيا وڃن سي انهيءَ خاص موضوع بابت هجن. هن مان مراد آهي شاهه جي ڪلام جي هر هڪ پهلوءَ کي آجاگر ڪرڻ

Marfat.com

۽ عوام اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ موزون طريقو اختيار ڪيو ويچي- چنانچہ هن سال جيڪو موضوع مقرر ڪيو ويو آهي سو آهي " شاه جي ڪلام ۾

## " اسلامي اقدار "

محڪمہ اطلاعات حيدر آباد طرفان سال بسال شاه لطيف جي ورسي جي موقع تي خاص اشاعت جون جيڪي روايتون قائم آهن اُهن ۾ پڻ مذڪوره مقصد کي پيش نظر رکيو ويو آهي، تنهن ڪري هن ڪتاب (عرفان لطيف) ۾ شاه جي ڪلام کي اسلامي احڪام ۽ قرآني آيتن جي روشني ۾ پيش ڪرڻ جي بهترين ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن لاءِ مان ڊائريڪٽر انفارميشن حيدرآباد کي مبارڪ پيش ڏوڪريان ۽ اميد اٿم تہ هي ڪتاب عوام توڙي خواص وٽ مقبول ثابت ٿيندو.

مسرور حسن خان

ڪمشنر

حيدرآباد ڊويزن.

Marfat.com

# نذرانۂ عقيدت

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي فيض جو چشمو هن سر زمين جي باشندن کي سيراب ڪندو رهي ٿو - هن ڪامل عارف جي پيغام کي عوام جي هر طبقي تائين پهچائڻ جي مقصد سان محڪمہ اطلاعات حيدرآباد جي طرفان سال بسال ورسيءَ جي موقعہ تي خصوصي اشاعتن جو سلسلو جاري رهندو اچي ٿو .

هن ڀيري فيصلو ڪيو ويو آهي تہ "شاه صاحب جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار" جي موضوع تي سموري توجہ مرڪوز ڪري مضامين ۽ مقالا لکايا وڃن - حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر جناب مسرور حسن خان جي تجويز تي لطيف ثقافتي ڪميٽي جي انهيءَ فيصلي کي نظر ۾ رکندي هتان جي بلند پايہ شاعر ۽ اديب ، محقق ۽ مصنف جناب محمد خان غني جي هيءَ تصنيف **عرفان لطيف** بصد عقيدت عوام جي اڳيان پيش ڪجي ٿي .

قابل مصنف قرآني آيات جي روشني ۾ شاه لطيف جا بيت نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيا آهن .

۽ فقط اها ڪوشش ڪئي آهي تہ شاه سائينءَ جو ڪهڙو بيت قرآن شريف جي ڪهڙي آيت جو تفسير ٿي سگهي ٿو .

هن ڪتاب جي اشاعت ۾ جناب شاڪر مصطفيٰ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انفرميشن حيدرآباد جنهن محنت ۽ سرجوشيءَ سان معاونت ڪئي آهي ان لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان .

اميد اٿم تہ هيءَ پيشڪش پڙهندڙن کي پسند ايندي .

حيدرآباد
٢٨- مئي ١٩٦٦ع

سيد بشير حسين
ڊائريڪٽر انفرميشن- مغربي پاڪستان
حيدرآباد.

Marfat.com

Marfat.com


# عرفان لطیف

مصنف

محمد خان غنی

Marfat.com

Marfat.com



صدر مملڪت فيلڊ مارشل محمد ايوب خان ۽ وزيرقانون مغربي پاڪستان
جناب غلام نبي ميمڻ جي پٽ شاه تي آمد.

Marfat.com




صدر مملڪت فيلڊ مارشل محمد ايوب خان شاه لطيف جي ٢١١ ورسي جي

Marfat.com

حقيقت. پهرين ٽن منزلن مان مٿي جڏهين سالڪ جو قدم چوٿين منزل ۾ پوي ٿو، تڏهين هو "ڪي ڪين" ٿي وڃي ٿو. ۽ جڏهين هو ڪي ڪين ٿئي ٿو، تڏهين ئي هو حقيقت کي سڃاڻي سڀ ڪجهه ٿي پوي ٿو.

صوفي سير سين ۾ جيئن رڳن ۾ ساهه
سا نه ڪري ڳالهڙي جنهن پريون پروڙي پساهه
آهس ايءُ گناهه جي ڳا ڪري پڌري.

*　　*　　*　　*

ڏاڍي ڏکويا، اڻ ڏني راضي ٿيا
صوفي تنهن ٿيا جيئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

شاهه عليه الرحمت پاڻ پنهنجي ڪردار سان اهو "ڪين" ٿي ڏيکاريو.

عام راهه ۾ شاهه جي مذهب جا ٻه پهلو پڌرايا ويا آهن، هڪڙو حقيقي ٻيو مجازي.

هت ٻه، راهين رس هت ٻه رسيون هوت کي

ظاهري شريعت جي پابندي پوري، پر وجد ۾ پنهنجي محبوب سان مڪا ميلو، ۽ ميلو به اهو جنهن ۾ خدا جي وحدانيت کان سواءِ ڪين ڪجهه به نظر نه اچي ماڻهن کان انهن راز کي لڪائڻ ۾ ئي پاڻ سندن ڀلو سمجهندا هئا. جو ته ڪين اهو انديشو هوندو هو ته متان ماڻهو منهنجون رمزون پروڙي نه سگهن ۽ وڃي گمراهيءَ جي کن ۾ ڪرن. صوفيانه اصطلاح ۾

محل مومل جيئن ڇڏي سوڍل ٻنا سڏڪا ڀري
تو تڪي تارا ته، ڪڏهن ور ولهي تي تو وري
ٻانهون پيڄل کي ٻڌي يا عرض ۽ آزيون ڪري
مختصر هر رنگ ۾ تي عشق جي آتش ڀري

لفظ ايلا جا مگر هن جو چنيسر کو پيو
مير ۾ سهڻي جيان ڀر هن جو ميهر کو ٻيو

سنڌ توڙي سنڌ وارن سان سندس الفت اها
سنڌ ڪنهن ساعت وساري شاهه، آهي ڪانڪا
لفظ تمثيلون مڙيئي ڪم آندئين سنڌ جا
يعني ٿيو سنڌي زبان کي ذات هن جي کان بقا

داستان حب‌الوطن ۾ مارئي آندئين مثال
ڳالهه ڪهڙي ڪان نه هن جو ويو ڪٿي ڀهڄي خيال

ويڙ هيون واڙيون وطن جون جنهن سيئي ساريون
ريتيون رسمون اجاگر جنهن ڪري ڏيکاريون
يا ڪنڊيون، ڪارهون، ککون ڪانهن ۾ جنهن ڪو ڪاريون
ڪين وسريون قلب هن جي تان جگر ۾ چاريون

حق آهي هن جي الفت تي پنهل جي ٻار سان
عشق تنهنکي ٿيو وطن جي گل سان توڙي خار سان.

# وحدانيت

الله تعاليٰ اسلام کي ئي سچو مذهب ڪري چيو آهي. انهيءَ مذهب جا اصول ڪهڙا آهن؟ اهي سڀ قرآن حڪيم ۾ نروار آهن ۽ چوڏهن سون ورهين ۾ الله جي انهيءَ پاڪ ڪلام جا ڪيترائي تفسير لکجي چڪا آهن. شاه صاحب عليہ الرحمت جي پنهنجي ڪلام لاءِ دعويٰ آهي ته:-

جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهن
نئومن لائين پريان سندي پار ڏي

جي شاه صاحب پنهنجي بيتن کي آيتون ڪري چوي ٿو ته پوءِ لازمي طرح سان قبول ڪرڻو پوندو ته اهي بيت قرآن شريف جي آيتن ڏانهن اشارو ڪن ٿا يا انهن ۾ ڪن آيتن جو تفسير سمايل آهي. اسين انهي ڳالهه تي اچون, اُن کان اڳ اسانکي اسلام جي رڪنن تي به هڪ نگاه ڪرڻي آهي، جن ۾ الله جي وحدانيت ۽ خاتم نبوت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي رسالت جي اقرار سان گڏ روزي، نماز، حج ۽ زڪواة جا رڪن خاص چيا وڃن ٿا؛ پر جي ان کان هڪ قدم اڳتي هلبو يا انهن احڪامن جو ورق ورائبو ته پوءِ هڪ سچي مسلمان ٿيڻ لاءِ ٻيا لاتعداد حڪم به نظر ايندا جن لاءِ خود شاه صاحب فرمايو آهي ته:-

روزا نمازون بندگي اي پڻ چڱو ڪم
پر او ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پر ڪي

Marfat.com

ڇا ھنن ڪيترن ئي خدائن کي ھڪ خدا ڪري ڇڏيو اھا ته وڏي نرالي تعجب جي ڳالھه آھي.

ھندو مذھب ۾ ديھي، شڪتي ۽ ٻئي انھن ٽن ڳالھين کي گڏي خدا سمجھيو ويو ٿو. موجوده دور ۾ ماده پرست به اھوئي عقيدو رکن ٿا. ۽ ھنن جو زور به ھن ڳالھه تي آھي ته جيڪي آھي سو ھتي آھي (مرڻ کان پوءِ ڪجھه به نه آھي شاه صاحب انھيءَ تثليث جي بت کي ھڪ ئي ھتوڙي سان ٽوڙيندي فرمايو آھي ته:

تيڏي ٻسي ٽي ھوتان آھي ھڪڙو.

لقد ڪفر الذين قالوآ ان الله ثالث ثلثته م وما من اله
الا اِله واحد ط (القرآن)

بي شڪ اھي ماڻھو ڪافر ٿي چڪا جيڪي چون ٿا ته الله تعاليٰ ٽن مان ھڪڙو آھي حالانڪ ھڪ خدا کان سواءِ ٻيو ڪو به سچو معبود ڪونھي.

* * *

تو جنھن جي تات، تن ٻڻ آھي تنھنجي،
فاذڪروني اذڪرڪم، اي پروڙج بات،
ھٿ ڪاتي ڳڙ وات، پيچڻ پر پرين جي.

الله جو ارشاد آھي ته مونکي ھرحالت ۾ ياد رکو، جي اوھين مون کي ياد رکندا ايندا ته مونکي به اوھان جي يادگيري اوتروئي رھندي.
شاه صاحب ان لاءِ فرمائي ٿو ته:

اکر پڙھ الف جو ورق سڀ وسار
اندر تون اجار پنا پڙھندين ڪيترا

ان تي تاڪيد ڪندي چيو ويو آهي ته:

جيئن جيئن ورق ورائيين تيئن تيئن ڏنو ڏوه
تنهن ڪهڙيءَ اکيو ڪوه، جنهن رهڻيءَ رهيو نه سپرين

مطلب صاف آهي ته خالي زبان سان الله الله چوڻ ڪافي نه آهي پر ان لاءِ قلب جي حضوري به ضروري آهي يعني جنهن وقت الله جو نالو وٺجي، ان وقت قلب به ان ڏانهن چڪجي وڃي جي قلب جي حضوري نه هوندي ته

پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾
هاٿا ڏوه چڙهن، جي ورق ورائن وترا.

*　　*　　*　　*　　*

پڙهئو پڙيجاهه سبق انهم سور جو
ميم رکجاهه من ۾ الف تنهن اڳياهه
چتا چوريجاهه اها لات لطيف چئي.

الله جي وحدانيت جو اقرار ڪندي چيو ته:

تون چؤ الله هڪڙو وائي ٻي م سک
سوئي لکيو لک سچو اکر من ۾

چئي تون الله هڪڙو وائي ٻي وسار
تن ۾ تند تنوار، سدا سپرين جي

شاه عليه الرحمت انهيءَ سوره شريف جي تفسير سان ئي پنهنجي ڪلام جي ابتدا ڪندي فرمايو آهي ته:

اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم
والي واحد وحده رازق رب رحيم

Marfat.com

سوساراه سچو ڏٺي ڇئي حمد حڪم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون

متان ڪا وچ ۾ وٿي پوي ته ان لاءِ شاه پنهن سڀني سرن ۾ ڪنايين ۽ اشارن ۾ ته ڪٿي صفا ڪليل لفظن ۾ انهيءَ تند کي ٽنواريندو اچي، فرمائي ٿو

ڪئو مطالعه مون هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تون ئي تون پيي لات نه لحظ جيتري

جي مون پڙهيو پاڻ لئه سبق سابق جو
پهرين سڃاتم پانهنجي نفس جو اهو
جت عرفان اصل ۾ ٿي روحن روز ڪيو
• وري ورق پيو گڏيم وڏ وصال جو

# رسالت

الله جي وحدانيت جي اقرار کان پوءِ اسلام جو مکيه رڪن ختم المرسلين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي رسالت جو اقرار آهي جنهن لاءِ هيٺي ذنل بيت ۾ شاه فرمايو آهي ته:

ميم رکجاه من ۾ الف تنهن اڳياه
چتا چوريجاه اها لات لطيف چئي

ميم جو اشارو هڪ مبهم اشارو آهي تنهنڪري شاه ڪامل لفظن ۾ چيو آهي ته:

Marfat.com

وحده لا شريڪ له جن اتو سون ايمان
تن مڃيو محمد ڪارڻي قلب ساڻ لسان
اوَ فائق ۾ فرمان اوتڙ ڪنهن نہ اوليا

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ: وما ارسلنا من رسول الاليطاع باذن الله ۽ مون جيڪو رسول موڪليو، سو انهيءَ لاءِ تہ الله تعاليٰ جي حڪم سان ان جو چوڻ مڃيو وڃي۔

شاه ان جي تفسير ۾ چيو آهي تہ:

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهين جوڙيائين
خاوند خاص خلقي محمد مڪائين
ڏِڪلمون ڪريمؐ تي چتو چايائين
انا مولاڪ و انت محبوبي ائين آتائين
ڏڪي ڏنائين ٻئي سرائون سيد چئي

" ڏڪي ڏنائين ٻئي سرائو ن سيد چئي " جي الله تعاليٰ حضور رسول ڪريم صلعم جن کي هن جهان جو شفيع بڻايو تہ هن جهان لاءِ ٻہ اهو حڪم فرمايو ويو تہ:

و من يشاقق الرسول من بعد ما تبين له الهدي و يتبع غير سبيل المؤمنين نوله ما تو لي وَ نصله جهنم و ساءَت مصيراً۔

جيڪو ٻہ سڄي وات جي ڪلڻ ڪان پوءِ وري ٻہ پيغمبر جي (حڪمن جي) خلاف هلي ۽ مسلمانن جي رستن کان سواءِ ٻيو رستو وٺي (تہ) آءٌ اُن کي اُنهيءَ رستي تي هلڻ ڏيندس ۽ (آخرت ۾) اُنکي دوزخ ۾ وجهندس، اهو (دوزخ) نهايت بري جڳهہ آهي۔

حضور رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت کي شاه صاحب سارنگ جي تشبيه ۾ پيش ڪيو آهي. ان جو هڪ خاص سبب اهو آهي جو جيئن برسات نه پوندي ته آتي صفا سڃ ٿيئي واڪا ڪندي. دنيا جو اهو دؤر جنهن ۾ حياءُ شرم اخلاق ۽ امن نه رهي ته پوءِ ان جي مشابهت به ڏڪر جي دؤر وانگر ٿي وڃي ٿي. نبوت جي مبارڪ دور کان اڳ دنيا جي حالت به اها ٿي چڪي هئي، جنهن لاءِ هڪ نقشو هي به چٽيل آهي ته:

اٺوبهين انڌوڪار، آيو عمر ڪوٽ ۾
مرم ويو ماڻهن مان، پر پئا بري بار،
ٿيو نفس نجس جو، هر ڪو تابعدار،
عيب نه آهي انهن کي، سر تي بديءَ بار
انه الله عليم بذات الصدور" وارئون نه ويچار
چاڙي چاڻٺهار ته لنگهيا حد حياءُ جي

هاچان هيڪاري، وڌي ويا ويهين ۾
ڪنهنجي قلب ڪينڪي، توبهه تنواري
ظلم ضعيفن تي، جام ٿيو جاري،
جهيڙن ۽ جنگين جون، چٽنگون چوڌاري،
عمر آمارو هڪڙو، مهٽن پيو ماري،
پيٽن کي بچڙو ڪيئون، ڏيءَ نه تن ڏاري،
"لا يزنين ولا يقتلن اولاد هن" جن اچي آچاري
انهن تي به انهن جو، جور ٿيو جاري
سوڌي صفا واٽ[؟] کان، آمراءِ ٿيا عاري
سار نه تن ساري، عورت جي اخلاق جي

الله تعالیٰ جلشانه حضور رسولِ کریم صلعم جن جي لاءِ جي

"انا ارسلناک بالحق بشيرا و نذيرا و لا تسئل عن اصحاب الجحيم .

(مون توکي (مسلمانن کي) خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ (ڪافرن کي) ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليو ۽ دوزخين جي بابت توکان نہ پڇبو)"

فرمايو آهي تہ ساڳئي وقت

انا ارسلناک الا رحمة للعالمين

يعني مون توکي دنيا لاءِ رحمت ڪري موڪليو)

جو حڪم بہ روز روشن جي طرح ظاهر آهي ۽ بارش بہ الله تعالیٰ جي رحمتن ۾ شمار ٿئي ٿي .

قرآن ڪريم برسات کي کليل لفظن ۾ الله جي رحمت ۾ آڻي ٻڌائي ٿو .

والله انزل من السماء ماءً فاحيا به الارض بعد موتها

۽ الله تعالیٰ ئي آسمان مان پاڻي وسايو، پوءِ جيڪا زمين مري چڪي هئي، ان کي جيئرو ڪيو .

ٻيو حڪم آهي تہ:

الذي جعل لکم الارض فراشاً و السماءَ بناءً و انزل من السماء ماءً فاخرج به من الثمرات رزقالکم فلا تجعلوالله اندادا و انتم تعلمون

جنهن زمين کي تنهنجو وڇائو بڻايو ۽ آسمان کي ڇت، ۽ آسمان مان پاڻي وسائي ميوا پيدا ڪيا تنهنجي کاڌي لاءِ، تہ پوءِ ڄاڻي واڻي الله سبحانه تعاليٰ سان ٻئي ڪنهنکي شريڪ نہ ڪر .

Marfat.com

انهيءَ تمثيل کي ونندي شاه صاحب سارنگ جي سُر ۾ چيو آهي ته:

آڳم ڪيا الله لڳ ٻس لطف ڇڏي
ٻلر جي ٻالوٽ سين ٻٽن جهليا ٻاه
واحد وڏائي ڪيا متي ڪسن ڳاه
سانگين وريا ساهه، آئن آب اڪوندرو

* * *

اڳم ايءَ نه، انگ جهڙو ٻسڻ ٻرڻءَ جو
سيٽن ري سهد ڇٽي روح نه رچن رنگ
سهسين ٽيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾

* * *

جاني آيو جوءِ ۾ ٿيو قلب قرار
وهلو وڇالين ويو ڪري غم گذار
نظارو نروار ٻي ٻسايو ٻانهنجو

* * *

وسي ٿو وڏ ڦڙو ٿهڪن ٿمون ٿاريون
لٿين لک لطيف ڇئي، ڍايون تا ساريون
ڀڄنديون ٻناريون، وري وٺائن آئيون

* * *

ٿيءَ ٻسايو ٻانهنجو نظارو ناڳاه
ٿو ڪٽ قلوب تان ٿي وروهن واه
آميدون ارواح! اي ٻسندي ٻنهون

Marfat.com

وڄون وسڻ آئيون، سارنگ سينگاري
اڇا لڪ لطيف چئي ڀلر ڀاري
وڄڙين واري ڪٺي ڪعبي تي ڪرنا نائيا

انهيءَ هاديءَ جي هدايت ۽ پاڪ تعليم جو اثرائتو نتيجو اهو نڪتو جو ڪٽر ڪافر به حق جو پيغام قبول ڪري اسلام جي دائري ۾ آيا شاه صاحب چوي ٿو ته:

* * *

وسي تڏهين وس منڊ مڙئي ميهن جي
ڪنڊن ڪيڙا چڏيا جي مڙيون ٿي مس
گاڏا متي گس، ڏک نه ڪندا ڏيرا

منڊائتن ميهن جي رت نه روڪيائين
ڀلر ڀلٽيائين گهٽا سانگين مک ٿيا

حضور صلعم جن کي الله وٽان جيڪو پيغام پهتو آن [illegible] پاڻ عام جي آڏو آنڊائون، آن جو اثر اهو ٿيو جو عرفان الاهي ڀري تائين پکڙيو.

گام گندي گنج ابر ۾ آهاءُ ٿيو
پسي پر پرينءَ جي دور ٿيا سپ ڏلج
شال وسندو سنج، عاشق تي اوهيڙا ڪري

* * *

آنو اوهيڙا ڪري، عاشق متي اڄ
ڏور ڏڪاريا پڄ ميهن منهن ڏيکاريو.

قرآن شريف جو ارشاد آهي ته:

Marfat.com

لا تقنطوا من الرحمة الله

الله جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو

الله تعاليٰ انهيءَ ارشاد سان ٻانهن کي ڪوٺيندي پنهنجي ڪريمي ۽ غفاريءَ جو شان ڏيکاري ٿو.

هي ٿيو اهڙو ٻار جو ٻڏي ٻڌائيندڙ پيو

شاهه سائين ٻانهن جي غفلت کي ڏسندي انهن کي چوي ٿو ته:

سارنگ کي سعيو توکي سعهو نہ ٿئي
ڳڙي ٿو ڳمان ۾ آيو ڪي آيو
هارن لئہ هر هر جاءِ ۾ هاديءَ هلايو
متان ائين چانهو ته ٻادل آهہ بس ڪئي

معراج شريف جي واقعي کي نظر ۾ رکي بروز حشر شفاعت جي اميدواريءَ کي پاڻ هن طرح پڌرو ڪيو اٿن:

منهنجي سيد سارلهندو، مونکي آهہ اميد الله ۾
سجدي پئي سڄڻ زاري زور ڪندو
مونکي آهہ اميد الله ۾

امت ڪارڻ احمد آت ڀرمل پاڪ پنندو
مونکي آهہ اميد الله ۾

اتي بس ڪانہ ٿي. الله کي اهو اختيار آهي ته پنهنجي مدني محبوب جي مهابي بديون بخشي ڇڏي ۽ جيڪو سندس حبيب جي دامن جهلي ته ان جون مدايون معاف ڪري.



Marfat.com

هڪي ٻانهي چئه ۾ ٻي ڪري ڇوڙ جبار
ڪيئي اونهي ڪن مان، اي آڪي جو آڌار
جهاز جوهرين جو تنهنکي ٻوڙ نه ڏي ٻتار
لنيدا وڏا مڪڙا سڀ پسندا پار
جيڏاه منهن مديني جو سچي محمد ص، موچار
سڀاجهو ستار، ستر سيئي ڪري

قرآن شريف کان پوءِ ٻيو درجو سرور ڪائنات صلي الله عليه و سلم جن جي حديثن جو آهي ربوبيت جي راز تان ڪڏهين به، پردو ٿا کڻي ها جي ٻاڻ ان حقيقت کي لرواز ته فرمائين ها. حضرت ڀٽائي عليه الرحمت جو هڪ بيت آهي ته:

وحدتا ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي اِهيءَ ۾ ڀل
هو هلاچو هل ٻالله سندو سڄٽين

هيءَ بيت جو لاڳاپو انهيءَ حديث قدسيءَ سان آهي جنهن ۾ فرمايل آهي ته:

كنت كنزاً مخفيا فاحببت ان أعرف فخلقت الخلق لاعرف

آءٌ هڪ پوشيده خزانو هوس، خواهش ٿيم ته پاڻکي سڃاڻپ ۾ آڻيان، انهي ڪري مون خلق کي پيدا ڪيو ته آءٌ سڃاڻپ ۾ اچان. ساڳي حديث شريف کي شاه صاحب هنن لفظن ۾ چٽو ڪيو آهي:

ٻاڻهي پسي ٻانکي، ٻاڻهي محبوب
ٻاڻهي خلقي خوب، ٻاڻهي طالب تنجو

Marfat.com

ٻانهي جل جلاله، ٻانهي جان جمال
ٻانهي صورت ٻرڻ جي ٻانهي حسن ڪمال
ٻانهي ٻر مريد ٿئي، ٻانهي پاڻ خيال
سڀ سهولي حال، منجهان ٻي معلوم ٿئي

ٻا اپان ٻ هيئن چئجي ت :-

اڪا ڪن نيڪون هئي، نڪا ٻي ٻچار
ملڪننا مهد هئي تو ڏيهه جي توار
محبت ساڻ ميهار لاهائين لطيف چئي

* * *

سهڻيءَ ڪي سينگار اڻ لکنا اڳي هئا
ڪن نيڪون ڪانه هئي لڪا ٻي ٻچار
مرڪي ساڻ ميهار لاياءِين انئون لطيف چئي.

جناب رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي ٻنهي جهانن جو وسيلو سمجهندي شاهه کين سڏ ڪندي چوي ٿو :-

مديني جا مير سڻ منهنجا سڏڙا
سرڻ تنهنجي سير تون ٻار لنگهائين ٻيڙا

* * *

مديني جا کهوٽ سڻ منهنجا سڏڙا
ڪج محمد موٽ عاصي تنهنجي آسري

* * *

مديني جا شاهه سڻ منهنجا سڏڙا
ڪارڻ لڳ الله سکهو رسج سپرين

* * *

مديني جا جام سڻ منهنجا سڏڙا
آهيان تنهنجي سام، سکهو رسج سپرين.

Marfat.com

# قيامت

ايمان ڪامل جي نشانين ۾ هڪ نشاني الله جي ملائڪن جو موجود هجڻ ۽ قيامت جي قبوليت ۽ ٻڌايل آهي جيسين تائين ڪو ماڻهو ان ۾ شڪ رکي تو ٿيستائين ان جو ايمان مڪمل نه آهي.

ان لاءِ الله تعالىٰ فرمايو آهي ته:

واقترب الوعدالحق فاذا هي شاخصة ابصار الذين كفروا ط يويلنا قد كنا في غفلة من هاذا بل كنا ظالمين O

۽ سچو وعدو (قيامت جو) اچي پهچي، ان وقت ڀڪا ڀڪ ڪافرن جون اکيون کليل ئي رهجي وينديون (۽ هو چوندا) هاءِ اسان جي خرابي، اسين (ته دنيا ۾ هن ڏينهن کان غافل هواسون بلڪ (سراسر) قصور وار رهياسون:

هڪ ٻي آيت شريف ۾ فرمايل آهي ته

الله لا اله الا هو، ليجمعنكم الا يوم القيامته لا ريب فيه ط ومن اصدق من الله حديثاO جنهنجي معنىٰ آهي ته: الله تعالىٰ جي سوا ڪوبه سچو معبود نه آهي آهو اوهانکي ضرور قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ۽ الله تعالىٰ کان وڌيڪ ٻئي ڪنهنجي ڳالهه سچي ٿي سگهي ٿي.

ٻيو حڪم آهي ته:

يا ايها الذين آمنوا آمنوا بالله و رسوله والكتاب الذي نزل على رسوله والكتاب الذي انزل من قبل ومن يكفر بالله و ملائكته و رسله و اليوم الاخر فقد ضل ضللا بعيدا.

Marfat.com

ايمان آڻڻ وارا الله تي ايمان آڻيو ۽ آن جي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم تي ۽ الهي ڪتاب تي جيڪو آلهي پنهنجي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم تي نازل ڪيو ۽ انهن ڪتابن تي (جيڪي قرآن شريف کان) اڳي هن نازل فرمايا ۽ جيڪو الله ۽ آن جي فرشتن ۽ آن جي پيغمبرن ۽ پوئين ڏينهن (قيامت) کي نه مڃيندو ته آهو گمراهي جي پوئين درجي تي پهچي ويو.

فرمايو ويو آهي ته:-

ثم انکم يوم القيامته تبعثون

پوء قيامت جي ڏينهن بيشڪ اوهانکي آٿاريو ويندو.

۽ پوء فرمايل آهي ته يوم تشهد عليهم السنتهم و ايديهم و ارجلهم بما کانوا يعلمون يومئذ يوفيهم الله دينهم الحق و يعلمون الله هو الحق المبين - جنهن ڏينهن زبانون ۽ انهن جا هٿ ۽ آنهن جا پير خود انهن جي خلاف آنهن جي اعمالن جي گواهي ڏيندا، انهي ڏينهن الله آلهن کي پورو واجبي بدلو (انهن جي عملن جو) ڏيندو ۽ آنهن کي خبر پوندي ته الله تعاليٰ ئي سچ کي کولڻ وارو آهي.

شاه صاحب اها حقيقت اجهو هيئن نروار فرمائي آهي:-

وحده لا شريڪ له، پڌه ته پوڙا
ڪ تو ڪنين ته سنا جي گهٽ اندر گهوڙا
ڪاڙيندين ڪوڙها، جت شاهد ٿيندء سامهنا

۽ اهو بيت قرآن شريف جي هن آيت شريف جو صحيح مصداق آهي.

يا ايها الانسان انک کادح الیٰ ربک کدحاً فملاقیه ○ فاما من اوتي کتابه بیمینه ○لا فسوف یحاسب حساباً یسیراً ○لا و ینقلب الیٰ اهله مسروراً ○ط

اي انسان تون پنهنجي رب وٽ پهچڻ (مرڻ تائين) ڪم ۾ ڪوشش ڪري رهيو آهين پوءِ (قيامت ۾) انهي ڪم جي جزا کي پهچندين پوءِ (انهي ڏينهن) جنهن شخص جو اعمال نامون انکي ساڄي هٿ ۾ ملندو ته ان کان حساب آسان طريقي سان ورتو ويندو ۽ هو اتان فارغ ٿي پنهنجي متعلقين وٽ خوش ٿي ايندو.

اول آخر آهه هلڻ منهنجو هوت ڏي
پورهئو سندو پورهيتن والي ڪيم وڃاءِ
سو مون ٿورو لاهه جيئن جيري ملان جت کي

بيت جي پهرين سٽ ۾

و ان ربک هو یحشرهم ط انه حکیم علیم.

(۽ بيشڪ تنهنجو مالڪ الهن سڀني کي گڏ ڪندو، هو حڪمت وارو ۽ خبردار آهي) جو تفسير پيش ڪري پي سٽ ۾ الله تعالیٰ کي التجا ڪيل آهي ته پورهيتن جي پورهئي کي تون قبول ڪر هتي پورهئي مان مراد عبادت آهي. عبادت جو قبول ڪرڻ يا نه قبول ڪرڻ ته الله جي اختيار ۾ آهي.

86522

Marfat.com

# رضاء الاهي

انا جعلنا ما علي الارض زينة لها لنبلوكم بالشر والخير فتنة والينا ترجعون۔

مون جو ڪجھ زمين تي ڏاهيو آهي سو ان جي رونق لاءِ ڏاهيو آهي، انهي لاءِ ته آءٌ ماڻهن جي جاچ وٺان ته انهن مان ڪهڙا ماڻهو چڱا ڪم ڪن ٿا.

ولبلو کم بالشر والخير فتنه و الينا ترجعون

آءٌ اوهان کي برائي ۽ ڀلائي ڀيڄائي آزمايان ٿو. ۽ اوهانکي موٽي مولوت ڏي اچڻون آهي.

شاه عليہ رحمت انهيءَ امتحان ۽ آزمائش کي ”ترڪڻ آهي تڙ م“ ڪري ڪوٺيو آهي ۽ آن بابت سنڌن هڪ وائي آهي ته.

هوڙيج هوشيار خبردار ترڪڻ آهي تڙ م
ڪڏون ڪوڇاڪ ڇڪنديون، تان ڪي لئي نهار
ترڪڻ آهي تڙ م.

آڏيءَ سي اکڙلدهون، اکيون جن ڪپار
ترڪڻ آهي تڙ م.

مون سو ملاحن کان تڙ اڙلگا تار
ترڪڻ آهي تڙ م.

هوت هلندين ڪنهو وهڻ منڌ وسار
ترڪڻ آهي تڙ م.

که آنڻ بن جهڏيون، ڏيرائيون ڏلار
ترڪڻ آهي تڙ م.

هڪو ڪلج باڻ سين، برين تنهنجو بار
ترڪڻ آهي تڙ م

ويندي واڳاڙن کي، ڀيئي ڪيم ٻچار
ترڪڻ آهي ترڙ ۾

ٻنڌڻ منهن ميهار جي ڏم وٽ ڏينهن ۾ گهار
ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ساهڙ کي مڻ سهڻي، ٻچل آڏي ٻار
ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

تار ترنديءَ لڙ لنگهونديءَ عشق جي آڌار
ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ٻانڌم ڇڏ ٻريءَ جو ڀيڻ جي ٻاتار
ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ڀينديءَ سڏ ساهڙ جو توڏي ٿي تيار
ترڪڻ آهي ترڙ ۾

---

# انسان جي فضيلت

جڏهين شاه عليه الرحمت صوفين جي عام عقيده فنا في الله کي

ساهڙ سا سوهڻي، سائر ٻئي سوڻي
آهي نجونئي ڪِجهه، ڪِجهاندر ڪِاڙي

جني واضح ڪيو آهي ته ٻئي طرف ان جي وڌيڪ تشريح هڪ وائيءَ ۾ ڪندي چيو اٿس ته:-

ڪهڙي منجهه، حساب هئڻ منهنجو هوت ري

Marfat.com

گولي پيچ گناه ڪان ڪونهي سول ثواب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

نڪي تفاوت ۾ نڪي منجهه رباب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

گدڙائي خوب ٿين لائين جي لعاب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

پليت ٿي پاڪ ٿئي جنهنجو منجهه جناب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

سو ا، ڪهم شي ۾، جيڪي منجه تراب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

هو جي جرڪنا جر تي سي تان سي حباب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

هاديءَ سين هن پار ڏي رڙهين ساڻ رڪاب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

چنبو وجهي چور کي، آءُ چڙ عقاب
هٿڙ مهنجو هرت ري .

ديد وڃالي م دوست جو، هلي منجهه حجاب
هٿڙ منهنجو هوت ري .

هن وائيءَ جي هر هڪ ست ۾ ظاهري ته، شاهه جدا جدا سبق ڏنا آهن. ۽ ان جي غائر نظر سان ڏسبو ته الهن سڀني بيتن ۾ جدا جدا اسلامي ارڪان جي تعليم کي مدنظر رکيو ويو آهي .

سو ا، کهم شيءِ ۾ جيڪي منجهه تراب



Marfat.com

ست جو مطلب آهي ته جيڪي مٽيءَ ۾ (يعني مٽيءَ مان ٺهيل انسان ۾) آهي سو ڪنهن ٻي شي ۾ نه آهي. هيڏانهن الله تعاليٰ هن خاڪ جي پتلي جي شان ۾ فرمايو آهي ته:

والتين والزيتون ٥ وطور سينين ٥ وهذا البلد الامين ٥ لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم ٥

قسم آهي انجير جي وڻ ۽ زيتون جي وڻ ۽ طور سينين جو ۽ انهيءَ امن واري شهر (مڪه) جو ته مون انسان کي بلڪل خوب صورت ڍانچي ۾ ڍاليو آهي.

انهيءَ بيت سان لاڳو بيت آهي ته:

هو جي جرڪيا جر تي سي تان سپ حباب

ان لاءِ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته:

وما الحيٰوة الدنيا الالعب ولهو وللدار الاخرة خير للذين يتقون ٥ افلا تعقلون ٥

۽ پرهيز ڪارن لاءِ آخرت جو گهر بهتر آهي، ڇا توکي عقل ڪونهي.

فما متاع الحيٰوة الدنيا في الاخرة الا قليل ٥

دنيا جي زندگيءَ جو مزو بلڪل بي حقيقت آهي ۽ ڪجهه به نه آهي ۽ جو ڪجهه آهي، سو الله جو ٿي رهڻ مرئي آهي، شاهه چوي ٿو ته:

هاديءَ سين هن پار ڏي رڙهين ساڻ رڪاب

يعني پنهنجي هدايت ڏيندڙ سان اٿين ڪڏ ره جيئن رڪابدار نوڪر

۽ ايمان وارن کي هي خوشخبري ٻڌاءِ ته انهن تي الله تعاليٰ جي طرفان وڏو فضل ٿيندو.

مطلب اهو وچي بيٺو ته هي دنيا جون ظاهري زينتون ڪجهه به نه آهن. شاه صاحب فرمايو آهي ته:

ٻائي ڏور ارٽ ۾ ڪتين نه ڪوڙي
وهاڻءُ واڏائي، پٿين سنيوڙي
متي جنهن موڙي، سا ڪيئن وهي ويسري.

* * *

مٽيئن تي موهجي هاري ڳيڙه هار
ڪوڙئين ڪئا ڪيترا انهيءَ خر خوار
پري وئو پتار آئي ڏنءُ ڏهاڳ جو.

ان کان پوءِ ساڳي سورة شريف ۾ فرمايو ويو آهي ته:

ثم رددنه اسفل سافلين ۝ الا الذين آمنوا و عملوا الصلحت فلهم اجر غير ممنون ط فما يكذبك بعد بالدين ۝ اليس الله باحكم الحكمين.

پوءِ مون انهيءَ کي هستيءَ جي حالت وارن کان گهٽ حالت ۾ آندو. ليڪن جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ته انهن کي اهڙو ئي ثواب مليو آهي جو ڪڏهين به روڪبو ڪو نه (انهن سيني ڳالهين جي هوندي به) پوءِ ڪهڙي شي توکي قيامت جي ٻاري ۾ منڪر بنائي ڇڏيو آهي ڇا الله تعاليٰ سيني حاڪمن کان وڌيڪ حاڪم نه آهي؟

Marfat.com

هاڻي هتي ڏسڻون آهي ته جنهن ( انسان ) کي الله تعاليٰ خوبصورت سانچي ۾ ڍاليو تنهنکي وري ڇو پستيءَ جي حالت ۾ آندو.

شاه صاحب فرمائي ٿو ته :

اڳي اينءَ هياس جو ڀنهونءَ ڏوتم ڪپڙا
هاڻي اُمن ٿياس جيئن جت نه نينم پاڻ سين.

* * *

دوست ڪهائي دادلا محب مارائي
خاصن خليلن کي سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
الهيءَ منجهه آهي ڪا اونهي ڳالهه اسرار جي.

قران شريف انهيءَ اسرار جي ڳالهه کي هن طرح کولي ٿو.

ولنبلونكم بشيء من الخوف والجوع و نقص من الاموال ولا نفس و الثمرات ۽ البت آءٌ توکي ڪجهه ڊپ ڪجهه بک ڪجهه مال ڪجهه جان ڪجهه پيداوار ( يا أولاد ) جي نقصان سان آزمائيندس و هو الذي جعلكم خلٰئف الارض و رفع بعضكم فوق بعض درجات ليبلو كم فيها اتكم ۽ اهوئي خدا آهي جنهن توکي زمين ۾ نائب بنايو ۽ اوهان مان هڪ جو درجو ٻئي کان بلند ڪيو. الهي لاءِ ته توکي جيڪي ڏنو ويو آهي، ان ۾ توکي آزمائي. ليبلو كم ايكم احسن عملاً.

اوهانکي آزمايو وڃي ته ڪير ٿو اوهان ۾ چڱا ڪم ڪري. و نبلو كم بالشر والخير فتنه و الينا ترجعون ۽ آءٌ توکي برائي ۽ ڀلائي ڀچائي آزمايان ٿو ۽ توکي سون وٽ موٽي اچڻون آهي.

Marfat.com

# عبادت

الله تعاليٰ سڀني عبادتن ۾ نماز جو درجو مٿانهون رکيو آهي ۽ ٻئي نمبر ۾ زڪوات جو حڪم آهي. جن لاءِ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته

و اقيمو الصلوات و اتو الزكوات وار كعوامع الراكعين

۽ نماز کي برابر رکو (بلاناغي پنهنجي وقت تي پڙهو) ۽ زڪوات ڏيو ۽ جهڪڻ وارن سان گڏ جهڪو

و انها لكبيرة الاعلي الخشعين لا الذين يظنون انهم ملٰقوا ربهم و انهم اليه راجعون

بيشڪ نماز دشوار آهي، مگر جن جي قلب ۾ خشوع آهي انهن کي دشوار نه آهي. خشوع رکڻ وارا ماڻهو آهي آهن جيڪي هي خيال رکن ٿا ته هنن کي موٽي پنهنجي رب سان ملڻو آهي ۽ هن ڳالهه جو به خيال رکن ٿا ته آهي بيشڪ پنهنجي رب جي طرف موٽي وڃڻ وارا آهن.

و يقيموا الصلوات و يوتوالزكواة و ذالك دين القيمة ط ○

۽ نماز کي درستيءَ سان ادا ڪريو ۽ زڪوات ڏيندا وڃو، اهوئي دين نيڪ آهي.

"نماز کي درستي سان ادا ڪريو" ان کان مراد اها آهي ته نماز ۾ قلب کي پنهنجي رب ڏانهن واريو ۽ ٻيون واهون سڀ وساريو.

فويل للمصلين ○ لا الذين هم عن صلواتهم ساهون ○ الذين هم يرآءون و يمنعون الماعون ○ ته انهن نمازين جي (قيامت جي ڏينهن) خرابي ٿيندي

Marfat.com

جيڪي پنهنجي نمازن جي پروا نٿا رکن، آهي جيڪي (نماز پڙهي يا ٻيا عمل ڪري ماڻهن کي) ڏيکارين ٿا ۽ روزمره جي استعمال جي شيءِ اڌاري نٿا ڏين.

وري حڪم ٿئي ٿو ته.

و اقم الصلواة لدلوک الشمس الي غسق اليل و قرآن الفجر ان قرآن الفجر کان مشهودا ٥ و من اليل فتهجد به نافله لک عسیٰ ان يبعثک ربک مقاما محمودا (بني اسرائيل ١٢)

اي پيغمبر سوئين سج ڪان وٺي رات جي انڌيري تائين نماز کي درستيءَ سان پڙهه ۽ صبح جي نماز به (ادا ڪر) ڇو ته صبح جي نماز ۾ فرشتا به شريڪ ٿين ٿا ۽ رات جي ڪنهن وقت ۾ جاڳي اٿي (تهجد) جي نماز پڙهه اهو تنهنجي لاءِ زياده (بهتر) آهي عجب نه آهي ته ان جي برڪت سان تنهنجو مالڪ توکي مقام محمود تي پهچائي.

شاهه صاحب انهيءَ حڪم جو نقشو هن طرح چٽيو آهي.

ساري رات سبحان جاڳي جني ياد ڪيو
آن جي عبداللطيف چئي متيءَ لٿو مان
ڪوڙئين ڪن سلام آگهه، اچيو آن جي

* * *

ساري رات سڄاڻ سودو ڪن صاحب سين
پانهپ پري پيڙيون هايا جوپ جوان
ٻاٽي پهلوان، لحظي منجهه لنگهي ويا

* * *

Marfat.com

ڀڙياتا ٻيئي تو نہ ڦٻنديون ڳالھڙيون
سڄيون راتيون سمهن پر سگهاڻ ڏيئي
ٻهاح سپيئي ٻار پڇنده خبرون

* * *

وري تاڪيد طور فرمايو ويو آهي .

ليل نہ جاڳئين لک سيئن ستئين رات سڄي
هتان هوتاڻين جون ويئيون خرزيئون ڪڄي
پوري تون نہ پڇي سبب ڪه سات مڙين

* * *

غافل غفلت ڇوڙ تون ڪيئن اٺاسي اوجهرين
ڇپاتا چڙهي ويا، وڃي ٻهتا توڙ
ليڏين ننڊ آڪوڙ، جم ورن م واڪا ڪرين

* * *

ستئين پير ڊگها ڪري، وڏي جاڙ ڪياء
در پر آيئين دوس جي تہ سر ٻر هندسياء
اصل آري ڄام جي سگهي تون تہ سياه
پنهونءَ سين ٻهياه تي نياڳي ننڊون ڪرين

* * *

اي ڪم ڪمئين جيئن سمهين ٻير ڊگها ڪري
لوچين چو نہ لطيف چئي، هاري! لئه هوتن
ننڊئون نياڳن ڪي اوپالا اچن
سي پنهون ڪوه پچن، جي سنجهي رهن سمهي

* * *



Marfat.com

# صبر جي تلقين

الله تعاليٰ جلشانہ جو فرمودو آهي تہ

ان الله مع الصابرين

الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي

۽ فرمايو ويو آهي تہ

والعصر ○ ان الانسان لفي خسر لا الاالذين امنوا و عملو الصلحت و توا صو باالحق٥ و توا صو باالصبر

هن سورت ۾ سخت وعيد آهي الله تعاليٰ سڀني ماڻهن کي خساره ۾ هجڻ جو حڪم ڏنو، سواءِ اُنهن جي جن چار ڳالهيون اختيار ڪيون ڀهرين ايمان آڻڻ ٢- نيڪ ڪم ڪرڻ ٣- سچي دين جي تبليغ ۽ صبر جي نصيحت. صبر جي صيغي ۾ قرآن شريف هن طرح ٻڌايو آهي.

نفس بد جو مقابلو ۽ مقابلي ۾ ثابت قدمي ئي صبر آهي.

جنهن لاءِ شاهہ صاحب ڀهرين چيو آهي تہ.

چانگي چئي چڪياس مٿاءِ اڪ ئہ آلهي<br>
جه ول گهٽا وهائڻا آن سين آر لڳياس<br>
چوڏاري چندن وڻ ٻچي هوڄ ٻياس<br>
راڙي رت ڪياس، هن ڪڏاتوري ڪرهي

* * *

ولي سيت سوت ڀاءِ ٻنهنجي ڪرهي<br>
ولهون واس ورنئون، ڀهريون متي ٻٽ<br>
چالڪي چڪي چٽ تہ ٻوءِ ئہ رهندو ٻئند ري

* * *

ڪرهي ڪي ڪئين وڌم پٺند پاڻ جا
ليڙو لاٿيءَ ڪي ڇري نير ساڻ نئين
چالڳي سندي چت ۾ صاحب وجهه سنئين
اوٻاهئوس الين لطف سان لطيف ڇئي

* * *

ڪرها توڪي ڪام، مون سچو ٻسي سڄيئي
مان ٻروڙي مام سانگاهي سنئين وهٻن

* * *

ٻوءِ آنڪي قابو ڪرڻ لاءِ اڇها هي وات وٺي تو

آٿي اڙاليئس، ڇڏيو ته چيڪ ٽيو
ڪارايان ڪڙيو وڃي پلاٿي پائيئس
ڏاوڻ تنهن ڏائيئس، جيئن ڇري ءَ چنگهي گهٽو

* * *

اهڙي طرح جنگ جي وقت ۾ دشمن جو مقابلو ۽ مقابلي ۾ استقلال ۽ صبر آهي.

مير مدينئا نڪري رڙهيا متي رند
گهوڙا تن گهوڙن جا ٻرنا متي ٻند
جتي رهيا راتڙي سي سنهارا هند
ڪلا ڪرنگر ڪنڌ جهرن جهونجهارن جا

* * *

ڪامل ڪربلا ۾ آيا جنگ جوان.
ڏرتي ڏٻي لرزي ڏرڪئا آسمان
ڪره هڻي ڪان، هو نظارو اينهن جو

* * *

Marfat.com

ڏنو ڪال ڪنهين جهونجهارڪو جهڳڙو؟
هاٿين هڏ مڃائيا ريلو رت نئين
پائن سا سنئين، جٺان جيءُ جو ڪو ٿئي

* * *

بهادر ڳڏيا بهادرين ڪڙڪ ڪاول ڪن
وجهن ڌڙ ڌڙن تي، هاڪارين هڻ
ڪرن ڪنڌ نچڻ، رڻ ڳجهو راڙو ٿيو

خدا جي راه ۾ مشقت کي برداشت ڪرڻ ۽ صبر آهي.

الاهي عشق جنهن لاء شاه صاحب چيو آهي ته:

وحده جي وڏا الا الله سون اورين
هنيون حقيقت ڳڏئو طريقت تورين
معرفت جي ماڪ سين ڏيساندر ڏورين
هڪ نه ستا ڪڏهم ويهي نه ووڙين
ڪلمئون ڪورين عاشق عبداللطيف چئي.

الهيءَ منزل تي پهچي شاه الاون سختون سهڻ جو ڏس ۽ ڏئي ٿو ته

ٻل ۾ پڇيائون عشق جي اسباب ڪي
دارون هن درد جو ڏاڍو ڏسيائون
آخر والعصر جو ايهم آتاهون
تهان پوءِ آءٌ سڪان تي سلام ڪي

وري پيو دفع اها ڳالهه، دهرائي ويئي آهي.

ڪوٺي ڪنائون اڄ پڻ اکڙين سين
ماس وراهي هليا، ڪرلڱل چڏيائون
و تواصوا بالحق و تواصوا بالصبر ائين اتائون
مٿي مارايائون ڪلي گهاريو سڄڻين

Marfat.com

ارضي ۽ سماوي مصيبتن ۾ استقلال ۽ صبر آهي، ان لاءِ سندن نظريو هي آهي ته:

پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي
ڪانهي ڪڙوائي چکين جي چيت ڪري

* * *

سڀئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو

# شرڪ جي مذمت

ڪبيرن گناهن ۾ شرڪ هڪ وڏو گناه آهي، ته پوءِ توحيد جي طالب کان اها ڳالهه ڪٿي ٿي لڪل رهي.

ڪافرن ۽ مشرڪن لاءِ قرآن شريف ۾ آهي.

ختم الله عليٰ قلوبهم و عليٰ سمعهم ط و عليٰ ابصارهم
غشاوة ولهم عذاب عظيم ٥

الله تعاليٰ انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر هڻي ڇڏي آهي. هنن جي اکين تي پردا پيل آهن ۽ انهن لاءِ وڏو عذاب آهي.

ته شاه وري اِنهيءَ جو اظهار هيئن ٿو ڪري:

اڃي پيا آٽ ۾، واٽ وڃائي جن
اوّ بي بصر برن ۾ اندا ٿيو آين
ڪنن آڏيون تاڙيون ڪنگن جهڻ گهمن
فراقي فرمان جو آهي پر پوڙن
ڪپت ڪاهوڙين، آه آئي پئي نه لهي

Marfat.com

## جـهـــاد

هر مسلمان تي جهاد فرض آهي ۽ ان لاءِ خدائي حڪم آهي:

و قاتلو في سبيل الله الذين يقاتلونكم و لا تعتدوا ط

۽ جيڪي ماڻهو اوهان سان لڙن (ته) اوهين ۾ الله جي راه ۾ آنهن سان وڙهو ۽ زيادتي نه ڪريو.

شاه جو ان لاءِ هڪ ئي بيت ڪافي آهي -

هڻن هڪلن ٻيلي سارن مانجهيان ايءُ مرڪ
وجهن تان نه فرق، رڪ وهندي راند ۾

## قادر مطلق

ان الله علىٰ كل شيءٍ قدير

الله تعاليٰ هر شيء تي قادر آهي.

ٻاڻهي ڏي سنيهڙا ٻاڻهي سلطان
ٻاڻ ڪر ٻاڻ لهي ٻاڻ سڄاڻي ٻاڻ

* * *

سو ئي هيڏانهن سو هوڏانهن سو ئي من وسي
سو ئي سو ٻسي، تنهن سندي سوجهري

* * *

سو هي سو هو سو اجل سو الله
سو ٻرين سو پساه، سو ويري سو واهرو

Marfat.com

# توبهہ

ان الله يحب التوابين

بيشڪ الله توبهہ ڪرڻ وارن سان محبت رکي ٿو.

ليلا حيلا ڇڏ جي تون سوڀي سڳنين
رائي رالھ ڳهيءَ ۾ پاڻ غريبيءَ ڳڏ
هڏ ئہ چنڊ اڏ جي ڪارون آئين ڪانڌ کي.

* * *

جي ڪارون آئين ڪانڌ کي تہ روئي ريجهائيج
ليلا ليلائيج اٺئي ماڳ منٿ جو.

* * *

جي ليلائي نہ لهين تہ ٻڻ ليلائيج
آسر ۾ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

# الست بربڪم

الست بربڪم، جڏهين ڪن پيوم
قالو بلي قلب سين تڏهين تت چيوم
تنهين ويل ڪيوم وچن ويڙهين سين. (شاه)

واذڪروا نعمۃ الله عليڪم و ميثاقه الذي واثقڪم به - الخ المائد ٢)

۽ الله تعاليٰ جيڪو احسان اوهانتي ڪيو آهي، ان کي ۽ ان
اقرار کي جيڪو پڪو ڪري اوهان کان ورتو ويو سو ياد ڪريو.

Marfat.com

جيئن هيڪار منجهان مهر سڏ ڪيو
سو مون سڀ ڄمار، اورڻ اهو ئي ٽيو.

* * *

جڏهين ڪن فيڪون، من تڏا هڪون مارئين
تون ڪيئن و جهين تن ڪي سومرا شڪون
هميرن هڪون جاڙ جسي ڪي ٻاتيون

* * *

ڇٺي ڪڻ فيڪون جڏهن خلقيا روح خداء
گڏ جت گذران هو، جڙ لڳي تنهن جاء
مون توهين سين آهه، اها سا چاه سپرين

* * *

فيڪون فدا ڪري کهيا ئين سين ڪن
تعظيماً تمام ڪري، ٻوه ٻڙيائين ان
مارو تتائين من، ٻيهر ٻاڳي آئيو

* * *

نڪا ڪن فيڪون، هئي نڪا هنگ نه هون
سڄڻ انهيءَ ساعت ۾ پيتي ڏنوسون
مون تن تڏاهڪون ملي ملاقات ڪئي

نڪا ڪن فيڪون هئي نڪو لگ لحم
هنيو هو نہ بت ۾ اڃان ڪي آدم
مون توهين سين سگ آها سا چاھ سپرين

* * *

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماه
نڪا ستہ ثواب جي نڪو غرض گناه
هيڪائي هيڪ هئي وحدانيت واه
لکيا ٿين لطيف چئي آت ڪجھاندر ڳاه
اکين ۾ ارواح اها ساڃاھ سپرين

* * *

گھيڙ لنگھئو گھاري ميثاقا مهارسان
"الست بربڪم قالو بليٰ" ڀر اها ڀاري
ڏسو ڏيکاري ڀرت ڀريان جو پيچرو

* * *

الست ارواحن کي جڏهين چيائون
ميثاقا مهارسان لڏيون مون لائون
سو مولي ڪيئن ڀاهون جو محفوظا معاف ٿيو

* * *

الست ارواحن کي جڏهين چيائون جي
قالو بليٰ قلب ۾ ٿيو تفاعُل تي
مجتي ميهار جي آئون نهوڙي ندهه
سرتيون ساهڙ سي هلڻ مون حق ٿيو

Marfat.com

الست ارواحن کي جڏهن جا ڳايو جليل
منهين راه سيد چئي سونائون سبيل
وحدت جي وادي ۾ ڪوڙين ڪي قليل
درياه جي دليل لوڙهي لهوارا ڪيا

* * *

الست ارواحن کي جڏهين امر ڪيو احد
هومن ڪادو ميهار ڏي سهڻي سڪڻ سڌ
دلو دور درياه جي ڪيو ارادي اڌ
جيڪي آيس ڏانهن عهد، سو پاري منڌ پاتار ۾

پوءِ جن اهو وعدو پاريو (تہ جيئن الله تعالیٰ فرمايو آهي تہ،
و ان تومنوا وتتقو افلکم اجر عظيم ٥
۽ جي اوهان ايمان آڻيندا ۽ (شرڪ ۽ نفاق کان) پرهيز ڪندؤ تہ
اوهانکي وڏو ثواب ملندو) تيئن جن ايمان آندو تن لاءِ شاه صاحب
فرمايو آهي تہ،

آڳي ڪيا اڳهم، نسو روئي اور
لا خوف عليهم ولاهم يحزنون سچن ڪولهي سور
مولي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ آن جو

## خيرات ۽ سخا

قرآن شريف ۾ الله تعالیٰ جتي نماز جو حڪم صادر فرمايو آهي،
آتي زڪواة خيرات ۽ صدقي جو حڪم بہ هلندو اچي. آن لاءِ الله تعالیٰ

Marfat.com

سوره الماعون ۾ انهيءَ شخص جي حالت ٻڌائي آهي، جيڪو يتيم کي ڌڪا ڏئي ٿو ۽ محتاج کي پاڻ ته کاڌو نٿو ڏئي پر ٻين کي به اهڙي ترغيب نٿو ڏئي. الله تعالیٰ انهن جي نمازن لاءِ به فرمائي ٿو ته اهڙن نمازين لاءِ وڏي خرابي آهي:

ارءيت الذي يكذب بالدين ○ فذالک الذي يدع اليتيم ○ ولايحض علیٰ طعام المسكين ○ فويل للمصلين ○ الذين ○ (الماعون)۔

ڇا اوهان انهيءَ شخص کي نه ڏٺو آهي، جيڪو روز جزا تي اعتبار نٿو رکي (جي اوهان انهيءَ جو حال ٻڌڻ گهرو ٿا ته ٻڌو ته) هي اهو آهي جيڪو يتيم کي ڌڪا ڏئي ٿو ۽ محتاج کي کاڌو نٿو ڏئي ۽ نه اهڙي ترغيب ٻين کي ڏئي ٿو. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته اهڙن نمازين جي لاءِ وڏي خرابي آهي۔

جنهن شخص جي طبعيت بخل کان بچي آن کي هدايت وارو چيو ويو آهي قرآن شريف ۾ آهي ته۔

ومن يوق شح نفسه فاولائک هم المفلحون ۽ (واقعي) جنهن شخص کي پنهنجي طبعيت جي بخل کان محفوظ رکيو ويو اهوئي ماڻهو فلاح حاصل ڪرڻ وارو آهي (الحشر) اهڙن ئي ماڻهن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته۔

قل ما انفقتم من خير فللو الدين و الاقربين و اليتمیٰ
والمسكين و ابن السبيل وما تفعلو من خير فان الله به عليم۔

چو ته جو مال تو کي خرچ ڪرڻو آهي سو ماءُ پيءُ جو حق آهي قرابتدارن جو حق آهي يتيمن جو ۽ محتاجن جو ۽ مسافرن جو (حق آهي)

جيڪو ۽ ليڪ ڪم ڪندو الله تعاليٰ کي ان جي خبر آهي -(البقره ۲٦)

الله تعاليٰ انسان کي ياد ڏياري ٿو ته -

و وجدڪ عائلا فاغني- فاما اليتيم فلا تقهر ○ط و اما السائل فلا تنهر (وضحيٰ)

۽ الله تعاليٰ توکي نادار ڏسي پوءِ غني بڻايو پوءِ (ان جي شڪر ۾) يتيم تي سختي نه ڪر ۽ سائل کي نه جهڙڪ. وري فرمايو ويو آهي ته-

و في اموالهم حق للسائل والمحروم

۽ ان جي مال ۾ سوالي ۽ غير سوالي جو حق هو-

شاه جي لڪڻ رس لڳاه ان جو تفسير هن طرح ڪري ٿي-

ري مصلحت مڱڻا ۾ قصر ڪين اچن
نور تجلو نور سين نمئو نڻ پسن
خيمي ۾ ڪنگهار جي چالدوڻا چمڪن
لذالين لطيف چئي سندا ڏاڻ ڏسون
تيلاه ملڪ ڏئين ميٺو مڱڻهار کي

* * *

ڪي جو پهچل پولئو پنئي وڃي پان
راجا رتولن ۾ سيباٺو سلطان
آءُ مٺانهون مڱڻا مقابل ميدان
گهوريا لک لطيف چئي تنهنجي قدمن تان قربان
مٺو هي مزمان هاي آءُ ته هت ڏيڻن

Marfat.com

# دنيا قيد خانو آهي

حديث شريف ۾ فرمايل آهي ته -

الدنيا سجن للمؤمنين و جنته للكافرين

هي دنيا مومنن لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافرن لاءِ بهشت.
شاه سائين اهو نڪتو هن طرح حل ڪيو آهي -

* * *

قسمت قيد قوي نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
آئٽي لکئي لوح جي هنڌ ڏيکاريم هي
پرچي ڪين پهنوار ري جان جسو ۽ جي
راڄا راضي ٿي، ته مارن ملي مارئي

* * *

قسمت قيد ڪيامن نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد" وطن آن ويندياس
مارن کي ملندياس ڪوليون چڏي ڪڏهين

* * *

قيد الماءُ ٿئوم، هت اڙانگي گهاريان
هناڪ جسمي والفواد لديڪم هنيون هت سندوم
قادر شال ڪندوم، موڙالو سين مارولن

* * *

قيد الماءُ ڪهن جو، سو مون پاند پئو
جف القلم بما هو ڪائن، وهي قلم ولو
اي قضا ڪم ڪيو، جيئن ٿر مارو آءُ ماڙئين.

Marfat.com

جهڙو قيد الماء تهڙو بند نہ ڪو پيو
جف القلم بماهو ڪائن، اهي نہ ٽر ٽٽاء
عمر تو هٽاء آجائي ٿئي آجڙين

* * *

ري اعرابين هٿ، گهنگهر گهارڻ مون ٿيو
بڪت العينان في هواڪ دما ڇجان ساڻ پرت
من اکيون ٿن تٽ، جتي جنب جيڏيئن

* * *

هي هند پيٽيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ري
ڪل شيء يرجع الاصله، ٿي جهڄان جهانگين ڪاڻ
پري پنهنجي ياڻ، پسان ملڪ ملير جو

---

## موت ۽ آخرت

الله تعالىٰ جو برحق ارشاد آهي تہ،
ڪل نفس ذائقة الموت

۽ آن ڪان پوء فرمايو ويو آهي تہ

و ما الحيوة الدنيا الا لعب و لهو وللدار الاخرة خير للذين يتقون
افلا تعقلونo ( الانعام )

دنيا جي زندگي ڪجهہ بہ نہ آهي، فقط کيل ۽ دل جي وندر ۽
البت پرهيزگارن جي لاء آخرت جو گهر بهتر آهي.
ڇا اوهالکي عقل نہ آهي.
وري تاڪيد فرمايل آهي.

فما متاع الحيوة الدنيا في الا خرة الا قليل (التوبه)

دنيا جي زندگي جو مزو (بلڪل) اي حقيقت آهي ۽ ڪجهه به نه آهي.

بيخبرن کي خبر دار ڪيو پيو وڃي.

و فرحوا بالحيوة الدنيا و ما الحيوة الدنيا في الا خرة الا متاع

۽ اهي ماڻهو دنيا جي زندگي تي مرڪن ٿا ۽ دنيا جي زندگي آخرت جي سامهون ڪجهه به نه آهي.

شاهه صاحب ان جو نقشو هن طرح ڪڍيو آهي

ساٿين نندا بار ووڙن پانڌين نندا بار
توکي آرس اکڙين ۾

پاتا پاڙي وارين ٻيڳهه منجهه ناتار
توکي آرس اکڙين ۾

پڙن تو پور ڪري آئي تهجڙي وار
توکي آرس اکڙين ۾

سڄيون راتيون سمهين ڪيو منجهه خمار
توکي آرس اکڙين ۾

ڪاتو ڪنين نه سئي هلڻ جي هاڪار
توکي آرس اکڙين ۾

قائب ٿيو تڪڙا ٻڙهو اي ٻچار
توکي آرس اکڙين ۾

سالڻ ۽ مڪني سچ ڪي تون ڪوڙو منجهه، قطار
توکي آرس اکڙين ۾

ڪ تو ڪهڻن نہ سڻي ڪپر جي ڪوڪار
توکي آرس اکڙين ۾

گهڙاڻ ٿي ري گهڙي الاهي ٿهار
توکي آرس اکڙين ۾

هو جو شڪ شارڪ جو، ٿئان رک ستار
توکي آرس اکڙين ۾

ڪل لفس ذائقةالموت پڙهو ايءِ پچار
توکي آرس اکڙين ۾

شڪار تون شهباز جو تون تان منجهه، شڪار
توکي آرس اکڙين ۾

يوم يفر المرء من اخيه، جت ڀڄندا يار
توکي آرس اکڙين ۾

جتي جال نہ لبهي سڄ اي سفيار
توکي آرس اکڙين ۾

جم وسارين ويسرا ڀتين جي ڀلڪار
توکي آرس اکڙين ۾

* * *

Marfat.com

## انسان پنهنجي زندگي ڪئين گذاري

وڃنو تون تڪيئنس مک ڏيهاڻي مڪڙي
سنڀاهي سيد چئي، مٺي نيڻوءِ ليئنس
وڻالي وڏاندرا لاڄو لڳاليئنس
آخر آهر اليئس ته، جو ڪو ٿئي نه جهاز ڪي

* * *

تون تڪيندو آءُ ، مک ڏيهاڻي مڪڙي
سالباهي سموند جي، منا مور م لاهه
اڄ ڪ سنجهه، صباح آهرندي اتالگ تڙين

* * *

اوڙيائين آڻهن ميڙيو معلم خبرون
ساتان سڌ نه، ڏين جتي وه ويڌ ڪري

* * *

ٻيڙي ٻراٽي وکر ٻاءُ م وترو
تري ۾ تن پيا ٻاسڻون ٻاٽي
هي هڏوهاٽي، ڪڙه ڪاٺوٽي ڏيهن ڪي

* * *

وکر سو وهاءِ جو پئي ٻراٽو نه ٿئي
ويڇهندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ آڳه جنهن جي آهڻ

* * *

جتو واڻءُ جهاز ڪڏلو غراڻ سين
ٻورٻندي هن ٻار ڏي سڌر ڪنج ساز
اچن ٿا آواز ، سٺاڻي سمولڊ جا

Marfat.com

قبر جي ڪناري کي ڏسندي چيو ويو

اڇي سو ڏنوءِ جو ڪپر سوءِ ڪنن سين
سٽي لوڪ لطيف چئي ياد نه ذرو ڪئوءِ
غافل ٿي غراب کي اوڙه تي آندوءِ
سو چيتر چو هي کان رکين جو پئو پراٽو پوءِ
جهاز ضعيفن جو پاڻيءَ ۾ پرتوءِ
سيد ساٿ سندوءِ ، پر بندر پهچائيين

## شيطان

الم اعهد اليکم يابني آدم ان لا تعبدو الشيطان انه لکم عدو مبين لا و ان عبدوني ط هاذ صراط مستقيم ولقد اضل منکم جبلاً کثيرا افلم تکونوا تعقلون O (ياسين)

اي آدم جا اولاد ڇا مون اوهانکي (پيغمبرن جي ذريعي) چيو ڪونه هو ته شيطان کي نه پوڄجو. هو اوهان جو کليل دشمن آهي ۽ مونکي ئي پوڄيندا رهجو، اهوئي (توحيد جو) رستو سڌو آهي. ان چوڻ کانپوءِ به شيطان اوهان مان ڪيتري خلقت کي گمراه ڪري ڇڏيو ڇا اوهانکي عقل ڪونه هو.

ومن يتخذ الشيطان ولياً من دون الله فقد خسر خسراناً مبيناً لا يعدهم و يمنيهم ط وما يعدهم الشيطان الا غروراً اولائک ماواهم جهنم ولا يجدون عنها محيصاً O (النساء)

جيڪو به خدا کي ڇڏي شيطان کي دوست بنائيندو ، سو سراسر نقصان ۾ پئجي ويندو شيطان (جيئن چيو هو اهڙي طرح) ماڻهن کي وعدا

ڏئي ٿو ۽ هر ڀورا نٿو ڪري) اميد ڏياري ٿو (مگر ڪوڙي) ۽ شيطان جيڪي وعدا انهن سان ڪري ٿو سي سڀ دغا سان ڀريل آهن اِنهن ماڻهن جو ٽڪاڻو دوزخ آهي انهن کي اتان ڀڄڻ جي جاءِ نه ملندي.

قال رب فانظرني الیٰ يوم يبعثون O قال فانک من المنظرين O الیٰ يوم الوقت المعلوم O قال فبعزتک لا اغوينهم اجمعين O الا عبادک منهم المخلصين O قال فالحق والحق اقول لاملئن جهنم منک و ممن تبعک منهم اجمعين O (ص)

ابليس چيو ته منهنجا مالڪ مونکي انهيءَ ڏينهن تائين مهلت ڏي جڏهن سڀ ماڻهو (وري جيئرا ٿي) اٿاريا وڃن. پروردگار فرمايو (وچ) توکي انهي ڏينهن تائين مهلت آهي جنهنجو وقت مقرر آهي. هن چيو ته تنهنجي عزت جو قسم هاڻ ته آءٌ سڀني ماڻهن کي گمراه ڪندس مگر انهي ۾ جيڪي تنهنجا خالص ٻندا هوندا.

چور اُهو اينءَ چوءِ ته آءٌ اهوئي آهيان
جي اسي اکين هوءِ ته لکيءَ کي کونه لهي

* * *

جتي ماڻڪ ماڳ تتي چوران تڪيو
سنڌون تن سڀاڳ اصل جن اوباهيو

ان شيطان کان اڄڪاليءَ جي وائٹ شاه صاحب هيءَ ڳولي لڌي.

ٻانهپ جو ٻيڙن ۾ وکر وڌائون
موتي معرفت جا سچا سوديائون

التائب من الذنب اي ڪٽ ڪنيائون
آلين جي آهي برڪت بار لنگهائيا

آن ڪان پوءِ فرمائي ٿو تہ

جهنگ ڪامي هٿ ٻيو لٿي چوران لڪ
ولي وجودان نڪري جيڪا دڙي دڪ
هڪ سچڻ بي سڪ ٿئي پهڙا پاڻ م

## الله تعاليٰ جو خوف

ڏهاڳا سهاڳڻيون ڪهڙي ڏوه ڪئين
ور وڏوڻو ايهين، جيئن جيئن پاڻ پسن

يا ايها الذين آمنوا الله وكونوا مع الصادقين ط

مسلمانو! الله (سبحانه و تعاليٰ) کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ رهو.

يا ايها الذين آمنوا اذكرو نعمت الله عليكم اذهم قوم ان يبسطوآ اليكم ايديهم فكف ايديهم عنكم ج واتقو الله ط وعلي الله فليتوكل المومنون ع

(مائده)

مسلمانو! الله تعاليٰ جو آهو احسان ياد ڪريو جڏهين ڪن ماڻهن توهان تي هٿ هلائڻ گهريو ٿي. پوءِ الله تعاليٰ کان ڊڄو ۽ مسلمان کي الله تي ئي ڀروسو رکڻ گهرجي.

افلم يروا الىٰ ما بين ايديهم وما خلفهم من السماء والارض ط ان نشا نخسف بهم الارض او نسقط عليهم كسفا من السماء ان في ذالك لآيه لكل عبد منيب ع

(السبا)

Marfat.com

ڇا ماڻهن آنهيءَ زمين ۽ آسمان کي نه ڏٺو جيڪو انهن جي اڳيان ۽ پٺيان آهي، جي آءٌ گهران ته (هڪ پل ۾) انهن کي زمين ۾ غرق ڪري ڇڏيان يا آسمان جو هڪ ٽڪر انهن تي ڪيرايان جنهن ۾ بندي کي خدا تعاليٰ جو خيال آهي انهي کي ته ضرور انهي مان (خدا جي) قدرت جو پتو ملندو.

آءُ ڏمرئو ڏس حيلو ٿيو هار جو
سٺو سڀ سرتيون ور نه ڪنهن وس
دعوي ڀرئين دس پڇئو ٿو پورا ڪري

* * *

هئڻ ته ڪهڙو هشيار، ڪل ٻه هئي ڪانڌ جي
تو پانيو موچاري ٿيان ڪڇيءَ پالي هار
ڪانڌ ڪوڙي جو نه وٺي سنئين پٽون سهنگار
وهم لهي وانجهار، دليون ٻرڪي ڌاسڙو

* * *

ڏاهي هوس ڏيهه ۾، سرتيون منجهه سڄاڻ
ڪاجا ٻيم ڪاڻ جيئن منهن مٽائون نه ڪٿان

* * *

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سر تئون
هت ڇهڻ هار جي ڪڙي ڪانڌ ٿياس
ڏولي ڏيلهياس، آيم ڏنءُ ڏهاڳ جو

Marfat.com

ليلا ڀوري ا، ڀئين چئي چنيسر سان
تو جو ڀانيو پانهنجو سو ريساٽو واڇاڻ
پاڻا ڌار ٻروان ڪانڌ ڪنهن جو نه وٺي

* * *

چيئي چنيسر ڇام سين ليلا لڪاءِ م تون
اي ڪانڌ ڪنهن جو نه ٿئي نرڪا مون نه ڏئن
روئنديون ڏنيون مون، ان در مٿي دادليون

* * *


هلندي هاڙو مٿي ڏڪن منجهان ڏوهه
هو اوڇڻ سر آڻن ٿي، هي ٻنڌ ٻڇاڙي ٻوهه
اهڙن ري لطيف چئي، ڪيئن ڪريندس ڪوهه
اڳئا راڙو سڄي روهه، وهان تان نه وس ٿيو

* * *

هلندي هاڙو مٿي سسي ڏهنديس ساهه
لکن تان لطيف چئي ٻاري ٿئم ٻاهه
ڪندو ٻاجهه الله، وهان تان نه وس ٿئو

---

Marfat.com



جناب مسرور حسن خان ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن، شاه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاه تي

Marfat.com

Marfat.com

قد جعل الله لكل شيءٍ قدراً ه (الطلاق)

بيشڪ الله هر چيز جو انداز مقرر ڪيو آهي.

سوري سهنگاري اصل عاشقن کي
لڏئا ڪين لطيف چئي ٿيا نيزي نظاري
ڪونهو ڪناري آڌيو چاڙهي ان کي

* * *

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه ڳن وڍيندڙ هٿ ۾
پسئو ٻر عجب جي لڇيو وڃي لوهه
عاشقن اندوهه سدا معشوقن جو

* * *

ڏيگين دوڳ ڪڙهن، جت ڪڙهين ڪڙڪو نہ لهي
تتي طبيبن چاڪ چڪندا چڙيا
لکيو ٻري نہ ٽري جي ائين آهي تہ ٿيءَ

اصل عاشق پانهنجي، مسي نہ سانديِن
لاهيو سر لطيف چئي ساهه سلاڙئو ڏين
ڪلنئون ڪاتين، ٻجن پوءِ پريتڏون

ڪجن ۽ ڪونهن اي ٻر سندي سجڻين
سوريءَ چاڙهيو سپرين ڏنپ ڏيهاڙي ڏين
ويناوره وتين، آءُ واڍ وڙئا وهاءِ تون

جت حبيب هٿن، نائڪ ٻري نينهن جي
تتي طبيبن وڃا وڃي وسري

۲- وعلي الله فتوكلوا
۽ الله تي توڪل ڪريو.

۳- فاذا عزمت فتوكل علي الله
پوءِ جڏهن تون (ڪنهن ڪم ڪرڻ جو) پڪو ارادو ڪرين ته
پوءِ الله تي توڪل ڪر.

شاهه سائين الله تعاليٰ جي انهيءَ ارشاد کي نظر ۾ رکندي فرمايو آهي ته

هورڻ هاڙو لنگهئو ٿي جريڏي جوءِ
هوند جنين سين هوءِ، هوت نه هوڏو تن سين

* * *

هورڻ هاڙو لنگهيو، مٿي موسٽ چڙهي
”لا“ سين آٿي لڌ ”ڪن“ رسائي ڪيچ کي

* * *

هورڻ هاڙو لنگهيو، ڳوريون ڀاسي ڳوٺ
ڪيچ تنهين کي ڪوٺ، ”ڪن“ جنهين جي ڪڇ ۾

* * *

ڪهي جا ”ڪين“ ڪٺي، پرين پهتي سا
وهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وڃائيو

* * *

هورڻ هاڙو لنگهيو، ڳوريون ٿيون ڳهن
هاڃي تنهن هجن، ڏارا مڪ سيد چئي

* * *

ڪا هت نه هت، ڪا ڳوري سندي ڳال
ڪين پهتي مال، حال پهتي هوت کي

هوندئا هوت ٻري اوڏو آ اڻ هوند کي
ساڃن تن سري، ”لا“ سين لڏين جي

* * *

لائي خنجر ”لا“ جو هن خڇر کي هڻ
مڏن جيون سيد چئي وتون سڀ وڪڻ
ٻهر پروڙي ڪڻ ته هلڻ ۾ هوري تئين

* * *

ارڏا آريءَ جام ري، گندر گذريام
لکيون لک لطيف چئي اورانگهڻ آيام
پرڻ پنهونءَ ہٹ ۾ ايءَ سعادت سنديام
متس ڪم وڏام، وهان تان وس پئو

* * *

هڪي ٻانهي چت ۾ ٻي جا ڪري الله
ٻانهي وجهي ڪن-۾ ٻانهي ڪنديءَ ني
سنڙ سي ڏيوئي، جي تڙ توائي مڪڙا.

## نفس

اخذته العزة بالاثم فحسبه جهنم

هن کي نفس ٻرمتي گناه تي تيار ڪري، پوءِ انهي ماڻهوءَ لاءِ جهنم ڪافي آهي. (قرآن شريف)

إن النفس لامارة بالسوء

بيشڪ نفس هروقت برائي جو امر ڪندڙ آهي. (يوسف)

Marfat.com

اعدى عدوك نفسك التي بين جنبيك. (حديث)

تنهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن تنهنجو نفس آهي جيڪو تنهنجي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ آهي.

جنين تنوءَ ۾ چڻن، ٻاءِ آميري آن مين
جي هو اوڳڻ ڪنئي آسنهين، تون ڳڻائي ڳن
ٻانڌ جهليو تون ٻن، هن سنهاري سڳ ۾

* * *

لمي ڪمي نهار ڏون ڏمر وڏو ڏک
منجهان صبر سک جي سنوار ٿيا سمجهين

* * *

نمي ڪمي نهار تون ڏمر ڏولاڻو
ٿئي ساجائو، جي آيهن انهيءَ ٻير تي

* * *

ڏمر پاسو ڏک سين ڪاند ڪٿوري هوءِ
والله مع الصابرين آڳو ايهم چوءِ

* * *

ڪم ڪمندن ڪٿيئو هارايو هوڙن
چکيو نه چوندن، هو جو ساءُ صبر جو

* * *

ڪمندڙن گهر ڪين، چندل چڱا نه ٿيا
ويٺئون ويڌ ٻئي هٿ نه اچي ڪين

* * *

Marfat.com

هو چوندي تون م چؤ واتا ورائے
پاند م پائي ويو ڪينے وارو ڪينڪي

* * *

هو چوندي تون م چؤ واتا ورائے ويڻ
سيني سين سيد چئي من ماري ڪر ميڻ
ڪانڌ وڏيائي ڪنڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي

* * *

ڪنهن ڪين پرائيو، ڪيني منجهان ڪين
جي هو سٺائي سيگ، ته زه چئے جوکو ٿئي

* * *

سڻي ويڻ ڪنن سين ورائيج م وري
هاديءَ جي هدايت جي آهي ايءَ گري
تن سڄي ساه سري، جن مارئو نفس مات سين

* * *

چندن ڪيم چئج تون ويڻ ورائے سا مهم
ڪامت قيمت جهڙي روز ڏمر ڪي ڏيج
ويڻ م ورائيج ته سپ در سهاڳي ٿئين

* * *

اڻ چندن م چئو، چندن چئو وسار
ائئي پهر ادب سين پر اهائي پار
پاپو منهن مومنن م، فرحت سان گذار
مفتي منجهه وهار ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين

* * *

Marfat.com

# نيڪي

ما ست نه ماريين الف جنهنجي اکر ۾
لاحق نهاريين پنا پيا پرينءَ ري

الله تعاليٰ جو ارشاد مبارڪ آهي ته:

ان الله لا يظلم مثقال ذرة و ان تک حسنة يضاعفها و يوت من لدونه اجراً عظيماً

الله تعاليٰ ڪنهن تي ذري برابر به ظلم نٿو ڪري، پر جي ڪا ايڪي آهي ته ان کي ٻيڻو ڪري ٿو ۽ ان کان سواءِ (ذاتي تعاليٰ) پاڻان وڏو ثواب ڏئي ٿو (النساء ٦)

و هو الغفور الودود O ذو العرش المجيد O فعال لما يريد (البروج)

۽ اهوئي (گنهگارن کي) بخشڻ وارو ۽ (نيڪن سان) محبت ڪرڻ وارو آهي. تخت جو مالڪ بزرگي وارو جو چاهي سو ڪرڻ وارو

ان بابت شاه جي ساجه ۾ مطالع ڪريو :-

ڀلائي آهين، ڀرين ڀلائي پانهنجي
سپاجها سر چڙهيو ڏورايا نه ڏين
مان ڏي مديون تون سجڻ سچاين ۾

* * *

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي ڀلائيءَ جا پير
اگڻ آڪنڊين جي ڏي ماپوهي ٻير
قمر ماڙي ڪير، شمس سهرين سين

* * *

Marfat.com

قاتل ڪمائي ڪري وه ماڪيءَ جي ڪن
ولا ويهي تن ٻيج ڪي پيالهون

* * *

آٺي آتر واءِ موڪيءَ مٺ اڻيا
مقارا تنهن ساءِ اچن مر سنبا هيو

* * *

اهو آهي شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جن جي ڪلام جو هڪ مختصر باب، جو معنيٰ ۽ مطلب جي لحاظ سان هڪ بحر بيڪران آهي. ۽ جيئن شاه صاحب پاڻ فرمايو آهي ته،

سي ٻوڄارا پر ٿيا سمنڊ سيوبو جن
آندائون عميق مان جو ٿي جواهرن
لڌائون لطيف چئي لعلون مان لهرين
ڪالهي قيمت تن، ملهه مهانگو آڻ جو

۽ عوام ان لاءِ هيءَ راءِ رکي ٿو.

ٿيو رسالو شاه جو جي آهي تفسير قرآن
يا رموز معرفت يا ڪي منجهس سر لهان
يا شريعت ۽ حقيقت جا ٿيا رستا هيان
يا انهيءَ ۾ ڏس اڙهي حب الوطن جا داستان

بهر صورت ٿيو رسالو راهبر ايمان جو
آهه ٿيو ايمان شاهد مسلمان جي شان جو



Marfat.com

ڪير ٿو چئي درد جو دنيا ۾ درمان ڪونہ آهہ؟
رنج آهي پر ٿيو راحت جو سامان ڪونہ آهہ؟
هر مصيبت ۾ ٿيو شامل فضل يزدان ڪونہ آهہ؟
ڪار مشڪل ڪيئن ٿئي آسان سو آسان ڪونہ آهہ؟

روہ ۾ ڪجهہ رڙہ تہ آڏو هوت پڻ ايندو هلي
سيئي ڀڄن پار جن دهشت ۾ آهي دل جهلي

عشق جا عاشق لکي آهن لکين ويا داستان
ڪن ڀروڙي مام مخفي ڪن ڏنو آهي عيان
راز قدرت جي ٿيا انداز جا ڪي رازدان
پنهنجي دردن کي ڪري هرڪو ويو آهي بيان

پر سين کان شاہ جي طرز نگارش آهہ ٻي
حق جي رستي ۾ هن جي ڪهو ڪاوش آهہ ٻي

ڪٿ پنهل جا پار پڇندي سور سسئيءَ جا ڪٽي
محبتون ميهار خاطر تار ۾ ٿو هٿ هڻي
چٽ چنيسر کي رکي ليلا ٿي ليلائڻ وٽي
جوڳين جي جوءِ پڇندي ڳالهيون تن جون ڳٽي

مينڌري جي لاءِ مومل ٿي ٿو اوجاڳا ڪري
ڀول ڀيجل جو ٻڌي سورٺ ٿيو سڏڪا ڀري

ڪينڪي وسريون وطن جون هنکي ويڙهيون واڙيون
هيچ ٿيون هن جي نظر ۾ محل توڙي ماڙيون
هن ڪٿيون ۽ ڪنهن ٻڙيون هرگز نہ پٽ سان ڀاڙيون
تنگ طرح کي لڳل تن ۾ وطن جون تاڙيون

جي گهري ٿو تہ ءِ ٿو ڀرين سو گهري سنڌ جو سڪا
ڀوم چوي ٿو لاءِ ڏيهن جي مٿان ڏاتر ڏڪار

مختصر مطلب ته قصا سنڌ جا دهرائي ويو
سڀ مجازي ئي مان حقيقي راز سمجهائي ويو
في الحقيقت حق سان هو پنهنجي لنئون لائي ويو
۽ وطن جي حب جو تاڪيد فرمائي ويو

شاه جو باعث الهي ئي اعليٰ ۾ اعليٰ شان ٿيو
۽ زبان سنڌ تي آن جو وڏو احسان ٿيو

هي ڏيئي پيغام هڪ ويو آهه جو دانائه راز
تنهن مٿي جيڪو هلي ٿيندو آهولي سرفراز
هت ۽ هت رهندو برابر آن جو عزو امتياز
مدح ۾ آن جي رهي تو ٿي غني نغمه طراز

شل هلون نقش قدم تي مرد حق آگاه جي
۽ ٿئي حاصل هدايت شل مهابي شاه جي

هن وقت جناب مسرور حسن صاحب ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن جو ساڳئي وقت تي شاه ثقافتي مرڪز جو پريزيڊنٽ به آهي، تنهن جي نيڪ راءِ اها آهي ته شاه جيڪي معرفت جا ماڻڪ پکيڙي ڇڏيا آهن تن کي موڙي مشابهت جي لحاظ سان مالها ئون مڙهيون وڃن. هيءَ انهي ڏس ۾ پهريون قدم آهي جيڪو انفرميشن ڊپارٽمنٽ جي طرفان کنيو ويو آهي ۽ ڪوشش اها آهي ته هن دفع شاه اسلامي اقدار (بابت جيڪي چيو آهي سو جي سڀ نه ته به آن جو ڪو حصو عام جي آڏو آڻجي.

اها دعويٰ نه آهي ته ڪو هتي سيني جواهرن کي جوتي آڻدل آهي، پر ڪتاب جي ضخامت ۽ وقت جي لحاظ سان جيڪو ڪم ڪيل

آهي سو الهيءَ ڏس ۾ هڪ ننڍڙي وک آهي ۽ جيئن مسافر منزل ۾ پهرين قدم آهستي، کڻي پوءِ تيز هلندو آهي، تيئن اميد اهائي آهي ته جو ڪم نيڪ نيتيءَ سان ڪنهو ويو آهي سو سگهو ئي وڃي پايہ تڪميل تي پهچندو -

آخر ۾ جنهن خدا رسيده بزرگ انهي راه جي رهنمائي فرمائي آهي آن جي حضور ۾ عقيدت جي اظهار کي ئي سعادت سمجهيو وڃي ٿو.

شه ڀٽائي گهوٽ اي آل عليءَ جا نيڪ آل
سڀ ولايت ۽ ڪرامت جا سريا توکي ڪمال
جنکي احسن ٿا چون، سي شاه سڀ سريئي خصال
سنڌ ۾ توکي چون ٿا آهين تون لالن جو لال

ٿيو خدا جي حڪم سان تنهنجو برابر اتصال

معرفت جي ماڻڪن جي وٽ ورا هيندڙ لطيف
راز بي انداز قدرت جا سڻائيندڙ لطيف
گمرهن کي رهه، هدايت جي ڏيکاريندڙ لطيف
من کي نيئي پار ٻرين جي ٻچائيندڙ لطيف

تنهنجي ڳالهين جو ملڻ مشڪل ٿيو آهي مثال

شاعران سنڌ جو تون آهين افسر خوب خوب
نقش پا تنهنجو اسان لئه آهه رهبر خوب خوب
تنهنجو ٿيو رمزو معانيءَ ۾ ته دفتر خوب خوب
ٿيو عروس سنڌ وٽ هي واه زيور خوب خوب

ڇا سندس جڳ مڳ جلا ۽ ڇا سندس جوت ۽ جمال

مرتبو حاصل وڏو ٿيو حافظ شيراز کي
پر ڏسي ها ڪاش تنهنجي شعر جي انداز کي
سوز تنهنجي کي سچائي ها پر وڙي ساز کي
تنهنجي قدمن ۾ ڦٽو پنهنجي ڪري ها ناز کي

تنهنجي زهد و اتقا جو آهي هي حاصل مال

دفتر معنيٰ چوان يا آهي شربت الگبين
شعر تنهنجو ٿيو شريعت جي امانت جو امين
ڇا ۾ آهي، آهي ليڪن مونکي ٿيو اهڙو يقين
جيسين قائم آسمان ۽ آهي گردش ۾ زمين

تيسين اچڻو ناهي ٿيو سنڌي زبان تي ڪو زوال

گنج تنهنجو هاه ٿيو قرآن جو تفسير آهه
جنهن کان ٿئي روشن جهان گويا آها تنوير آهه
ڇا معانيءَ ۾ مڪمل ڇا سنڌس تطهور آهه
ويئي وڌي جنهن کان زبان سنڌ جي توقير آهه

شعر تنهنجي جي سچائي ڪنهن نه ڪا حد ڪمال

تنهنجي هر هڪ بيت جو هر لفظ ٿيو الهام آهه
معرفت جو ۽ حقيقت جو منجهس پيغام آهه
الف جنهنجي ابتدا ۽ الف تي اتمام آهه
يعني اول تا به آخر هڪ خدا جو نام آهه

حق جي تعليم ڏاران پيو نه آن ۾ قيل و قال

Marfat.com

واقعن تي ٿو جڏهين پنهنجو قلم تون وارئين
ڪٿ پنهل تي پاڻ تون ٿي ڪٿ سسئي ڏيکارئين
يا ته ليلا تي ڪڏي پرور اڳيان پو ڪارئين
يا وطن جي ياد ۾ هر هر هنجهون ٿو هارئين

زخم خورده جيڪي دليون تن جو تو ڪيو اندمال

شل وطن وارن کي اهڙي ڪا سعادت اڄ سري
تنهنجي نسخي کي اُٿن هٿ ۾ ڪڏي رهبر ڪري
آهه هيئن لاريب تن تان هر مصيبت ڪر ٽري
باليقين هر دو جهان ۾ تن جي جهڪر ڀٽ ڀري

تنهنجي در تي ملتجي آهي غني ٿيو خسته حال

جنهن الاهي عشق ۾ هن سونهاري سيھ جوڳي ٿي جبل جهاڳيا، سامونڊي
سفر ڪيا ۽ ترڙ تڪيا ۽ ڇيو ته

اول آخر آهه هلڻون مولکي هوت ڏي

سو نيٺ هن تنهنجي تـي پهتو تـه

عاشق معشوقن جي وٽي ويهه ڳري
جم ورچي چڏئين سندي دوست دري
ڏيندا ڀڪي پاجهه جي، وينده ٻپ ٻري
اسان تان نه سري، توکيئن سري سهرين

* * *

عاشق معشوقن جو وٽي ويهج سير

Marfat.com

اڇي پڇنڊ ۾ ڀاڻهين، ڀرتا ڀري ڀير
ڀلائن سنڌو پير، رهبر ٿينڊ ۾ راهه ۾

عاشق معشوقن جو وڻي ويهڄ ڏر
اڇي پڇنڊ ۾ سپرين لهنڊ ۾ سر سير
ڀلائي جو پير رهبر ٿينڊ ۾ راهه ۾

عاشق معشوقن جو وڻي ويهڻ دڪاڻ
پنج پيش پرين جي اٿيئي وڃهي پاڻ
ته تون تنين ماڻ، سدا رهه سرخرو

عاشق معشوقن جو وڻي ويهڄ گهٽ
جم ورچي چڙئين موکي ۾ سنڌو مٽ
ڪري سرجي سٽ، پيچ ڪي پياليون

عاشق معشوقن جو وڻي ويهڄ رند
پيارينڊ ۾ پاڻهي ميخاني جو منڊ
ڪيم ڪيڄ تون ڪنڊ اوڏو ٿي آن ڪي

۽ آخر دوست جي ديدار جو اميدوار ٿي چوي ٿو

توجنون جي تات تن ٻڻ آهي تنهنجي
فاذڪروني اذڪرڪم اي ڀروڙج ڀات
هٿ ڪاتي ڳڙ وات ڀڄڻ ڀر ڀرين جي

عاشقن الله جي سدا وائي وات
فاذ ڪروني اذڪرڪم تن ۾ اها تات
الهيءَ ڪان ڪنهن ساعت، سڄڻ ويل نه وسري

۽ اُن الهن پنڌن کان پوءِ جي وجود ۾ وڌائين ته سندس حق ٻين نگاهن ڏسي ور تو ته -

ونحن اقرب اليه من حبل الوريد -

۽ فرمايائون ته :-

طالب ڪٿر سنه سر رومي ۾ چڙهو آهي
تاڙي جي لاهي ته منجهم مشاهدو ٿئي

* * *

طالب ڪٿر سنه سر، اي ۽ رومي ۾ جي اوطاق
جي پجي در فراق ته منجهم مشاهدو ٿئي

* * *

ووڙيم سڀ وڻاڻ پار ڪارڻ جت جي
والله بڪل شيءِ محيط اي ۽ آرهاٽيءَ اهڃاڻ
سڀ ۾ پنهون پاڻ، پيوناهه پروچ ري

* * *

جان پيهي ڏٺم پاڻ ۾ ڪري روح رهاڻ
تان لڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هوا

* * *

پر گهر پاسو ڪري پچ پريان ڪر پاڻ
سو تان توئي ساڻ جه لئه جفا ئون ڪرين

* * *

شل الله تعاليٰ سڀني کي اها هدايت ڏي جو اسين انهيءَ پار پري هاديءَ جي هدايت تي هلون ۽ ثواب دارين حاصل ڪريون -



ڀٽ شاهه ۾ شاهه لطيف جي ورسي جي موقعي تي محفل موسيقي.

Marfat.com



درگاه شريف جو اندروني منظر ڊويزنل ڪمشنر ۽ ٻيا آفيسر مرمت جي
ضرورتن جو جائزو وٺي رهيا آهن.

Marfat.com

# حصہ نظم

L (iv) 523—10

Marfat.com

Marfat.com

# سلام عقيدت

السلام اي شاعر مشرق سلام — السلام اي صاحب عالي مقام
السلام اي اوليائن جا امام — السلام اي پاڪ ذات و پاڪ نام

ڪامل و اڪمل ولي توتي سلام
نازش آل علي توتي سلام

مالڪ صبر و رضا تو تي سلام — رهبر راهِ بقا تو تي سلام
مخزن مهر وفا تو تي سلام — مصدر صدق صفا تو تي سلام

تابع حڪم خدا تو تي سلام
شاڪر رنج و بلا تو تي سلام

چاره ساز بيڪسان تو تي سلام — ياور درماندگان توتي سلام
تاجدار عاشقان تو تي سلام — سنڌ جا روح روان تو تي سلام

بحر حڪمت جي شناور تي سلام
معرفت جي پاڪ دفتر تي سلام

پاسبان قصر و ايمان تي سلام — رهنماءِ راه عرفان تي سلام
مظهر انوار يزدان تي سلام — پيڪر تصوير قرآن تي سلام

السلام اي دين احمد جا نقيب
السلام اي مير مرسل ص جا حبيب

راه حق جا رهنما تو تي سلام — صاحب جودو سخا توتي سلام
منبع فضل و عطا تو تي سلام — صدر اعظم صوفيا تو تي سلام

السلام اي راز حق جا راز دار
السلام اي شاعريءَ جا شهر يار

محسن سنڌي زبان تو تي سلام — باغ سنڌ جا باغبان تو تي سلام
علم جا گوهر گران تو تي سلام — واعظ جا دوبيان تو تي سلام

نازش بزم سخن تو تي سلام
زينت هر انجمن تو تي سلام

Marfat.com

# نذر عقيدت

اي طلبگار حقيقت معرفت جا رهنما
شهه ڀٽائي گهوٽ سهڻا مرحبا صد مرحبا

سنڌ کي ڏيو ناز آهي شاهه تنهنجي ذات کي
فخر انهيءَ ناز تي ڪريان اهو بلڪل بجا

دفتر معنيٰ جو گويا بحر بي پايان تون
ڇا ڪريان تعريف تنهنجي اي سخنور سنڌ جا

تون ولين ۾ وليي سرتاج صوفين جو چوان
ڪا زبان آهي ڪٿي پوري ڪري تنهنجي ثنا

صفحہ دنيا تي رهندو تنهنجي تقويٰ جو مثال
صابر و شاڪر آهيءَ تي جا خدا جي ٿي رضا

معرفت جي بزم تو ڪان ٿي سدا سينگاريل
حق جي تعليم ڏيئي تو ڪيو حق آشنا

شعر ۾ ندرت شعاريءَ جو ڏيو تو کي ڪمال
همسريءَ جي ڪو ڪري دعويٰ ته ٿي ڪوڙي آها

نفس جي نفسانيت نابود ٿي هن ڪان ٿئي
عشق جا شعلا آڻن ۽ ناس ٿئي حرص و هوا

تو مس دل کي بنائي سون خالص جو مثال
شعر تنهنجو شاهه سچ پچ آهي نسخہ ڪيميا

وير ۽ ويڇا وڃائي دل منجهان دوئي ڪيدي
صلح ڪل جا ڪل سبق ثابت ٿين هن مان صفا

Marfat.com

سمجھہ کھڙي؟ جا نہ سمجھي شاھ تنھنجي شعر کي
سمجھہ وارن کي ڏٺي هن مان ٿي حاصل رهنما

جي ڪري جاڙون جبل تہ بہ تنھنجي منزل ڪيچ ٿي
تنھنجي پيرن کي ڪري ٻانهون نہ سگھيا ڏاڪڙا

ويس مارئي ۾ ٻڌائين داستان حب الوطن
تيو اشارو آهہ آن ۾ سڀ وطن تان ٿيو فدا

عشق جي دريا جو آهي تو ڏنو سھڻو مثال
ٿيو مرڻ حق پر ٻڏيءَ جا تو چيو پيڙا ٿيا

راھ جو ريجھڻ رسڻ ڇا سو چنيسر ۾ چٽو
جن رسايو راءُ کي سي ڪينن رلي رڻ ۾ پيا

سين سائل ۾ سڏايا سور تو سورٺ، سندا
مثل مومل جي رهين تو عشق ۾ اڳرو سدا

ڪٿ پسايو ٻاڻ تو نوريءَ سندو آهي نياز
سو ٻڌائي عجز آزي مان ڏٺي تو ڇا عطا

سنڌ وارن تي اهو تنھنجو وڏو احسان آهہ
آهہ ٿيو سنڌي زبان کي تو ڪان ئي حاصل بقا

شاھ تي تعليم تنھنجي هڪ بهار بي خزان
تر و تازہ ٿي رکي جا سنڌ جو گلشن سدا

معدن حڪمت جو آهين شاھ تون ئي ڪانڪن
گنج تنھنجي ۾ ڏٺم گوهر هزارين بي بها

Marfat.com

تنهنجي ٻيتن ۾ پڙهيل تفسير ٿيو قرآن جو
فيضور جنهن کان هزارين شاه ٿيا ٿوڙي گدا

در حقيقت معجزي کان ٻي مٿي تنهنجو ڪلام
ڪنهن ۾ شاعر کان اداٿي ڪين جا تنهنجي ادا

فهم انساني سچائي شاه تنهنجو شان ڪيئن
سا خبر آهي خدا کي در حقيقت آهين ڇا

من مهابي مهر تنهنجي ميٺڙن منهنجون مديون
در خدا جي آه منهنجي با ادب هيءَ التجا

قابل تعظيم هي در قابل تڪريم تون
جي غني سڏجن آهي ٻي هت ٿيا آهن گدا

---

## هديہ عقيدت

شاعران سنڌ جو تون آهين رهبر يا لطيف
صوفين ۾ ڪونه ڪو تنهنجي برابر يا لطيف
عاشقان حق جو تون آهين افسر يا لطيف
آهين بحر علم جو تون ئي شناور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

Marfat.com

چو ٿه ٿئي نازان توتي سنڌ ۽ سنڌي زبان
بخش جنهنکي آهه ٿيو تو کان حيات جاودان
جي ٿيا پيدا راز مخفي ۽ جا ٿئين ها راز دان
گنج حڪمت مان ڪڍي ها ڪير گوهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

شعر ۾ باريڪ نڪتن تي رسي تنهنجي نگاه
تنهنجي تلميحن اشارن تي چوي دل واه واه
شاعري ۽ جي مملڪت جو تون برابر بادشاه
آسمان علم جو اڪمل تون اختر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

شعر تنهنجي جو مثالهون هن ڪري ٿيو مرتبو
جو ڪلام پاڪ ۾ تنهنجو ڪيو تفسير تو
عبد ۽ معبود جو تو کان تفاوت ٿيو ڇنو
راز جي قدرت رکيا تون تن جو ماهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

علم عرفان جي حقيقت کي ڪيو تو برملا
آهه چا راز تصوف تنهنکي تو کوليو صفا
سا مثالي صاف جيڪا ٿي شرع جي اقتدا
نڪته تحقيق جو تون نڪته پرور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان تو ڪونه همسر يا لطيف

Marfat.com

طالب تحقيق خاطر راهبر تنهنجو ڪلام
ابتدا نام خدا سان آهي عبرت اختتام
ٿو پڙهي دل سان پرائي فيض هن مان خاص عام
حق جي تعليم سان پر تنهنجو دفتر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

زهدو تقويٰ ۾ ملڻ آهي عبث تنهنجو مثال
خوش رهين هر حال ۾ توڙي ٿيو جي خسته حال
تو ڀوليو ڪين ڪي دنيا سندو مال و منال
سور ۽ سختيون پسند ڪيا پنهنجي خاطر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

سنڌ ۾ تون جينءَ ٿئين والي ولايت جو ڏٺي
تيئن نه ڪو آهي ٻيو ڪامل ڪرامت جو ڏٺي
باليقين تو بعد نه آيو ڪو هدايت جو ڏٺي
ٿيا طريقت جا طريقا توکان ظاهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

جنهن امارت کي ڦٽو ڪيو تون اهو آهين امير
بادشاهيءَ کان مٿي ڪنهن مرتبي وارو فقير
رهبر عالم چوان توکي چوان ٿو دستگير
تون خدائي حڪم جو ٿيو آهين مظهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

Marfat.com

ڪير آهي جيڪو پنهنجي سر جي قرباني ڪري
ڪير آهي جو اچي ڌڙ ڪي اڏيءَ تي ٿو ڌري
ڪامندي ڪوري ۾ آهي ڪير جنهنجي دلڙي

تو سوا ڏسجي نه ڪو اهڙو ٿو ڏهسر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

ڪير آهي جو گهڙي ڪن ۾ ٿو گهاتوءَ جي مثال
ڪا پڙين ڏاران وڃائي ڪير پنهنجو روئي حال
آهه وڻجارن سوا ٿي زندگي جنهنجي وبال

سنهن خدا جو سو ته تون داتا جو دلبر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

ديس ڏارئين ۾ رهين ٿو ويس مارئي جو وٺي
قيد ۾ جا بند ۾ ساڳي آها سختي سٺي
جان پنهنجيءَ تي جلائي ٻره واري ٿو ٻٺي

پر ڪڏي تو ڪين هرگز ٻاڦ ٻاهر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

L (iv) 523—11

Marfat.com

هر گهڙي توکي ڏسان ٿو سوز ۾ سازي ۾ تون
رات جو راڻي جي خاطر روح ۾ رازي ۾ تون
ڏينهن جو هڪلون ڪندو هلندو هلين هاڙي ۾ تون
ساٿ سورن جا ڪٽي ڏوريا تو ڏولگر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

لعل تي ليلا وڃايو ور نه ورسايس وري
هار تي هر ڪي ته تنهنڪي سور ۾ سختي سري
ڪيرتون ڪارون ڪندي منڌ نيٺ ويئي آت مري
تو نه روئي پنهنجو ريجهايو چنيسر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

ڪير آهي ساز تي سر چي ڏنو جنهن سر اچي
سور سورٺ جان ڪٽي سو پاڻ ٿيو پختو پچي
ٻول ٻيجل سان ٻڌل تي مرد ٿي بيٺو مچي
جيئن ته مون جاچي ڏٺو سو تون دلاور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

* * *

دور تنهنجو شان آهي عقل کان ادراڪ کان
ڪيئن ڀلا تعريف تنهنجي ڪو ڪري سگهندو بيان
عام توکي عام لفظن ۾ ڪري ٿو ٿيو عيان
مرتبو تحقيق جاڻي تنهنجو داور يا لط
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪونه همسر يا لطيف

Marfat.com

دل منجهان اهڙي صدا نڪري ٿي منهنجي بار بار
معرفت جي مئي منجهان ڪا سرڪ تون ساقي پيار
ٿي وڃان مدهوش، مدهوشيءَ ۾ پسجي جلوه يار
تون عطا ڪر منهنجي دل کي اهڙو اوجر يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪوبہ همسر يا لطيف

* * *

اي "غني" دل سان چوُ تنهن نڪتہ پرور تي سلام
طالب - حق بي ريا محبوب - داور تي سلام
جو سخي صاحب سخا جو اهڙي سرور تي سلام
بي بدل عالم، ولي، سهڻا سخنور يا لطيف
سنڌ ۾ تنهنجو ڏسان ٿو ڪوبہ همسر يا لطيف

---

Marfat.com

باهتمام جي - اي - مجددي سپرنٽينڊنٽ مغربي پاڪستان
گورنمينٽ پريس ڪراچي ۾ ڇپيو ۽
ڊائريڪٽر محڪمه اطلاعات، مغربي پاڪستان، حيدرآباد
ريجن طرفان شايع ڪيو ويو.

Marfat.com

Marfat.com


ذخیرہ
لاہور پاکستان



درگاہ شاہ عبداللطیف بٹائی

Marfat.com

ذخیرہ
لاہور پاکستان



در گاھ شاہ عبد الطیف بیٹائی

Marfat.com